ٻارن جا نالا رکڻ جي لاءِ هن ڪتاب ۾ سوَن جي تعداد ۾
بهترين نالن جي فهرست بہ موجود آهي.

# نالي رکڻ جا احڪام

پيشڪش: مجلس المدينة العلميہ (دعوتِ اسلامي)

ترجمو: مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي)

قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ والدين جي نالن سان پڪاريا ويندؤ تنهن ڪري پنهنجا سٺا نالا رکندا ڪريو. (ابو داؤد، 4/374، حديث: 4948)

# نالي رکڻ جا احڪام

هي رسالو "نام رکھنے کے احکام" دعوتِ اسلامي جي مرڪزي **مجلس المدينة العلمية (شعبهِ اِصلاحي ڪتب)** جو اردو زبان ۾ تحريري رسالو آهي.

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# نالي رکڻ جا احڪام

## بارگاهہ رسالت ۾ دُرُود شريف پڙهڻ واري جو نالو پيش ڪيو ويندو آهي

رحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي جنهن کي سڄي مخلوق جي آواز ٻڌڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي. پوءِ قيامت تائين جيڪو بہ مون تي دُرُود پاڪ پڙهندو آهي تہ اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي تہ فلان پٽ فلان جي اوهان تي هن وقت دُرُود پاڪ پڙهيو آهي. (مسند البزار ج 4 ص 255 حديث 1425)

سُبْحٰنَ الله! درود شريف پڙهڻ وارو ڪيتري قدر خوشنصيب آهي جو ان جو نالو ۽ ان جي پيءُ جو نالو بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي.

بے نشانوں کا نشاں مٹتا نہیں
مٹتے مٹتے نام ہو ہی جائے گا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نالو چيندا هئا

سرڪارِ مدينہ مُنوّرہ، سردارِ مڪہ مُڪرّمہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

جڏهن ته ڪنهن کي عامل (يعني زڪوٰة ۽ عُشر وغيره جي وصولي لاءِ ذميدار) بڻائي موڪليندا هئا ته ان جو نالو پڇندا هئا، جيڪڏهن ان جو نالو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پسند ايندو هو ته خوش ٿيندا هئا ۽ ان سبب جيڪا خوشي ٿيندي هئي اها سندن چهري مبارڪ مان ظاهر ٿيندي هئي ۽ جيڪڏهن ان جو نالو ناپسند هوندو هو ته ان جي ناپسنديدگي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ مان ظاهر ٿيندي هئي.

(ابو داوٗد ج 4 ص 25 حديث: 3920)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان ان حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: ان ڪري علماء فرمائن ٿا ته پنهنجي اولاد جو سٺو نالو رکو، نالي جو اثر نالي واري تي پوندو آهي. ماڻهو بُري نالي واري کي پاڻ وٽ ناهِن ويهاريندا. سٺن نالن وارن جا ڪم به اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلّ سٺا هوندا آهن.

(مرآة المناجيح ج 6 ص 263)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نالو ٻار جي لاءِ پهريون تحفو آهي

نالو ڪنهن به ماڻهو جي شخصيّت جو اهم حصو هوندو آهي جنهن سان اهو سڃاتو ۽ پڪاريو ويندو آهي. گهر، خاندان، پاڙي، اسڪول، مدرسي، جامعه، بازار ۽ آفيس ۾ نالو ئي ان جي شناخت هوندو آهي. جيئن ته ڪتاب جو نالو ان جي شناخت هوندو آهي. ڪيئي ڀيرا نالو گهرو ماحول ۽ تهذيبي روايتن جي عڪّاسي به ڪندو آهي. نالو سٺو هوندو ته انسان جو ضمير ان کي سٺي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو رهندو آهي. ٻار جي پيدا ٿيندي ئي ان جي

نالي رکڻ جي لاءِ غور و فکر شروع ٿي ويندو آهي، انهيءَ دؤران پيءُ کي گهرجي تہ پنهنجي پٽ جو سنو نالو رکي جو اهو ان جي طرفان پنهنجي ٻار جي لاءِ پهريون ۽ بنيادي تحفو هوندو آهي. جنهن کي ٻار سڄي عمر سيني سان لڳائي رکندو آهي. سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَوَّلُ مَا يُنْحِلُ الرَّجُلُ وَلَدَهٗ اِسْمُهٗ فَلْيُحْسِنْ اِسْمَهٗ يعني ماڻهو سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي ان ڪري گهرجي تہ ان جو سنو نالو رکي. (جمع الجوامع ج 3 ص 285 حديث: 8875)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن جي گهر ٻار پيدا ٿيندو آهي تہ مبارڪ ڏيڻ کان پوءِ والدين کان عام طور تي اهوئي سوال ٿيندو آهي تہ نالو ڪهڙو رکيو؟ گهڻو ڪري ٻار جو والد پنهنجي دوست احباب ۽ رشتيدارن کان اهو پڇندو رهندو آهي تہ نالو ڪهڙو رکون؟

نالو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ نالو ڪير رکي؟ ڪهڙو نالو رکڻ افضل آهي؟ ڪهڙو نالو رکڻ ناجائز آهي؟ ڪنهن جو نالو بگاڙڻ ڪيئن آهي؟ ڪُنيَت ڇا کي چوندا آهن؟ ڪُنيَت رکڻ جي ڪهڙي اهميّت آهي؟ لقب ڇا آهي؟ هن ڪتاب ”نالي رکڻ جا احڪام“ (جنهن جو نالو شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن عطا فرمايو آهي) هن ڪتاب ۾ اهڙي نوعيت جي معلومات فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي نالن رکڻ جي لاءِ 538 سنن نالن جي فهرست بہ شامل آهي. هن ڪتاب کي سٺي نموني سمجهي گهٽ ۾

گهٽ ٿي پيرا پڙهو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏيو.

(شعبہ اصلاحي ڪتب مجلس المدينة العلمية)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قيامت جي ڏينهن نالي سان پُڪاريو ويندو

نالي جو تعلّق صرف دنياوي زندگيءَ تائين ناهي بلڪ جڏهن ميدان محشر برپا ٿيندو تہ انسان کي اُنهيءَ نالي سان مالڪِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سڏيو ويندو جنهن نالي سان ان کي دنيا ۾ سڏيو ويندو هو، جيئن تہ حضرت سيِّدُنا ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، حضورِ پاڪ، صاحب لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجي والدين جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري توهان پنهنجا سنا نالا رکو.

(ابو داؤد، ج 4 ص 374 حديث: 4948)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجن ڪچن ٻارن جا بہ نالا رکو

ٻارن جو نالو رکڻ ايترو اهم آهي جو جيڪو ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ ضايع ٿي وڃي ان جي بہ نالي رکڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنهنجي ڪچن ٻارن جو بہ نالو رکو جو اهي ڪچا ٻار توهان جي آڏو (اڳيان اڳيان هلڻ وارا يا اڳيان گذرڻ وارا) آهن.

(ڪنزالعمّال جُز 16، 175/8، حديث: 45206)

هڪ حديث پاڪ ۾ تہ ايتري تائين ارشاد ٿيو جو ڪچي ٻار جو نالو نہ رکڻ جي صورت ۾ اهو بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾

والدين جي شڪايت ڪندو تہ انهن منهنجو نالو نہ رکي مون کي ضايع ڪري ڇڏيو. حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: ڪچي ٻار جو بہ نالو رکو ڇو تہ ان جي سبب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي ميزان واري پلڙي کي ڳرو ڪندو، بيشڪ ٻار قيامت جي ڏينهن عرض ڪندو: اي منهنجا ربّ! انهن منهنجو نالو نہ رکي مون کي ضايع ڪري ڇڏيو. (کنزالعمّال جُز 16 ص 175 حديث: 45207)

"سِقط" يعني ڪچي ٻار جي وضاحت ڪندي مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا: عربي ۾ "سِقْط" انهيءَ ٻار کي چئبو آهي جيڪو ڇهہ مهينا پورا ٿيڻ کان پهريان ماءُ جي پيٽ مان نڪري وڃي. (مراٰة المناجيح ج 2 ص 519)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻار فوت ٿي وڃي تہ؟

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1254 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت (جلد 1)" جي صفحي 841 تي آهي: ٻار زنده پيدا ٿيو يا مئل ان جي خلقت (يعني پيدائش) مڪمل ٿئي يا اڻ مڪمل بهرحال ان جو نالو رکيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو حشر ٿيندو (يعني اٿاريو ويندو) (درمختار ج 3 ص 153، بهارِشريعت ج 1 ص 841) ڇوڪرو پيدا ٿئي تہ ڇوڪرن جهڙو ۽ ڇوڪري پيدا ٿئي تہ ڇوڪرين جهڙو نالو رکيو وڃي ۽ معلوم نہ ٿي سگهي تہ ڇوڪري آهي يا ڇوڪرو تہ اهڙو نالو رکيو وڃي جيڪو مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ ٿي سگهي ٿو. (بهار شريعت ج 3 ص 603)

(مثال طور: راحت، نصرت، تسليم وغيره)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نالو ڪڏهن رکجي؟

افضل هي آهي تہ ستين ڏينهن ٻار جو عقيقو ڪيو وڃي ۽ نالو رکيو وڃي، عقيقو ڪرڻ کان پهريان نالو رکڻ بہ جائز آهي. (نزهة القاري ج 5 ص 430) حضرت سيِّدُنا عَمرو بن شعيب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻار جي پيدائش جي ستين ڏينهن ان جي نالي رکڻ جو حڪم ارشاد فرمايو.

(ترمذي ج 4 ص 380 حديث: 2841)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نالو ڪير رکندو؟

نالي رکڻ جي بنيادي ذميداري ٻار جي والد تي آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اولاد جو والد تي اهو حق آهي تہ ان جو سنو نالو رکي ۽ سنو ادب سيکاري.

(شعب الايمان ج 6 ص 400 حديث: 8658)

حضرت علّامہ عبدالرؤف مَناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ان حديث جي تحت نقل ڪن ٿا: امت کي سنو نالو رکڻ جو حڪم ڏيڻ ۾ هن ڳالهہ تي تنبيهہ آهي تہ ماڻهوءَ جا ڪم ان جي نالي مطابق هئڻ گهرجن ڇوتہ نالو انسان جي شخصيّت جي لاءِ جسم وانگر هوندو آهي ۽ ان جي شخصيّت جي عڪّاسي ڪندو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت هن ڳالهہ جو تقاضو ڪري ٿي تہ نالي ۽ ڪم ۾ مناسبت ۽ تعلّق هجي. نالي جو اثر شخصيّت تي ۽ شخصيّت جو اثر نالي تي ظاهر ٿيندو آهي. (فيض القدير ج 3 ص 522 تحت الحديث: 3745)

www.dawateislami.net

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: سٺي نالي جو اثر نالي واري تي پوندو آهي، سٺو نالو اهو آهي جيڪو بي معنٰي نہ هجي جيئن بُدهوا، ٿلوا وغيره ۽ (نالي ۾) فخر ۽ تڪبُّر بہ نہ هجي جيئن بادشاه، شهنشاه وغيره ۽ نہ بري معنٰي وارو هجي جيئن عاصي وغيره. بهتر هي آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام يا حضور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صحابہ عظام، اهل بيتِ اطهار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم جي نالن تي نالو رکي جيئن ابراهيم، اسمٰعيل، عثمان، علي، حسن ۽ حُسين وغيره، عورتن جو نالو آسيہ، فاطمہ، عائشہ وغيره ۽ جيڪو پنهنجي ٻار جو نالو محمد رکي اهو اِنۡ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ بخشيو ويندو ۽ دنيا ۾ ان جون برڪتون ڏسندو. (مرأة المناجيح ج 5 ص 30)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جي معاشري ۾ نالي رکڻ جا مختلف انداز

چوڪرو يا چوڪري (خاص طور تي پهرئين اولاد) جي پيدائش کان بعد عام طور تي قريبي رشتيدارن مثال طور ڏاڏيءَ، نانيءَ، ڦقيءَ، ماسي، چاچي وغيره جو اِصرار هوندو آهي تہ ان جو نالو مان رکندس ۽ هر ڪو پنهنجي پسند جو نالو بہ چوندي ايندو آهي جيڪڏهن والد راضي هجي تہ ان ۾ بہ حرج ناهي پر اهم ڳالهہ هي آهي تہ نالو رکڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن ديني معلومات جي ڪمي جي سبب ٻارن جا اهڙا بہ نالا رکندا آهن جيڪي شرعًا ناجائز هوندا آهن يا جن جون معنائون سٺيون ناهن هونديون، اهڙن نالن کان بهرحال بچڻ گهرجي. والدين جي خواهش هوندي آهي تہ ان جي

پٽ يا ڌيءُ جو نالو نهايت ئي بهترين هجي پر ناليءِ جي حتمي انتخاب وقت لفظن جي ظاهري خوبصورتي جو تہ لحاظ رکيو ويندو آهي پر ٻين پهلوئن تي توجُّهہ ناهي ڏني ويندي، تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اهل علم کان اهڙن نالن جي معنيٰ پڇندا آهن جيڪا اُردو عربي يا فارسي ڪنهن بہ لغت ۾ ناهي ملندي، ظاهر آهي تہ اهڙي طرح جو بي معنيٰ نالو رکڻ بہ مناسب ناهي.

## نالو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

انهيءَ حوالي سان مدني گل عطا ڪندي صدرُ الشّريعہ، بدرُ الطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی بهار شريعت ۾ لکن ٿا: اهڙو نالو رکڻ جنهن جو ذِڪر نہ قرآن مجيد ۾ هجي، نہ حديثن ۾ هجي، نہ مسلمانن ۾ اهڙو نالو رائج هجي، ان ۾ عالمن جو اختلاف آهي بهتر هي آهي تہ نہ رکي.

(بهار شريعت ج 3 ص 603)

مدني مشورو آهي تہ والد يا رشتيدار ٻار جي لاءِ جنهن بہ ناليءِ جي چونڊ ڪن. پهريان ان جي باري ۾ مفتيانِ ڪرام يا علماءِ اهلسنّت دَامَتْ فُيُوضُهُم کان رهنمائي وٺو ۽ ان تي عمل بہ ڪريو.

﴿پنهنجي شرعي مسئلن جي حل لاءِ دارالافتاء اهلسنّت جي انهن نمبرن تي بہ رابطو ڪري سگهجي ٿو: 0300022011 2-5 (وقت صبح 10 کان 4 بجي تائين، 1 کان 2 بجي تائين نماز ۽ طعام جي لاءِ وقفو، ۽ جمعي جي ڏينهن موڪل آهي﴾

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪٿي حُبِّ جاه تہ ناهي؟

ڪڏهن ڪڏهن اهڙو نالو بہ ڳوليو ويندو آهي جيڪو گهر، خاندان، محلي ۾ ڪنهن جو بہ نہ هجي، جڏهن بہ ڪو ٻڌي تہ فورًا هي چوي تہ اهو نالو تہ پهريون ڀيرو ٻڌو آهي، ڪيڏو نہ زبردست نالو رکيو آهي! اهي لفظ ٻڌي نالي رکڻ وارو ڪپڙن ۾ ناهي ماپندو، پر اهڙن ڪي سوچڻ گهرجي تہ متان ڪٿي اها خوشي حُبِّ جاه (يعني تعريف جي خواهش) جي مرض جو نتيجو تہ ناهي؟

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نالو رکڻ وقت سٺيون نيّتون ڪريو

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: نِیَّۃُ الْمُؤْمِنِ خَیْرٌ مِّنْ عَمَلِہٖ. **يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:**

1 بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوبہ جائز ڪم سٺي نيّت سان ڪيو وڃي تہ ان جو بہ ثواب ملندو آهي، تنهن ڪري هڪدم نالي رکڻ بدران پهريان حسبِ حال نيّتون ڪرڻ گهرجن. مثال طور: ۞ شريعت جي مطابق جائز نالو رکندس ۞ جن نالن جي حديثن ۾ ترغيب آئي آهي اهي نالا رکندس ۞ نسبت جي برڪتن حاصل ڪرڻ لاءِ انبياءِ ڪرام، صحابہ ڪرام ۽ ٻين بزرگان دين جي نالن تي نالو رکندس ۞ نالي جي حتمي انتخاب جي لاءِ علماء ڪرام سان مشورو ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده نالا

جيڪڏهن ڪنهن پار جو نالو ”عَبۡد“ سان شروع ڪرڻو هجي تہ سڀ کان افضل نالا عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”توهان جي نالن مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو زياده پسنديده نالا عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن.“ (مسلم ص 1178 حديث: 2-(2132))

**صدر الشّريعہ، بدر الطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: انهن ٻنهي مان وڌيڪ افضل عبدُالله آهي جو عَبُودِيت (يعني ٻانهي هئڻ) جي اضافت (يعني نسبت) عَلَمِ ذات (يعني الله) جي طرف آهي. انهن (يعني عبدالله ۽ عبدالرحمٰن) جي حڪم ۾ اهي اَسماء (يعني نالا) بہ آهن جن ۾ عَبُودِيت جي اِضافت ٻين اَسماء صِفاتيہ جي طرف هجي مثال طور: عبدالرحيم، عبدالمَلِڪ، عبدالخالق وغيره. حديث ۾ جيڪو انهن ٻنهي نالن کي خدا تعالي جي ويجهو سڀني نالن کان پيارو فرمايو ويو آهي ان جو مطلب هي آهي تہ جيڪو شخص پنهنجو نالو عبد سان گڏ رکڻ چاهي تہ سڀ کان بهتر عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن، اهي نالا نہ رکيا وڃن جيڪي جاهليّت ۾ رکيا ويندا هئا جو ڪنهن جو نالو عبدِ شمس (يعني سج جو ٻانهو) ۽ ڪنهن جو عبدالدّار (يعني گهر جو ٻانهو) هوندو هو. (بهار شريعت ج 3 ص 601)

## عبدالرحمٰن ۽ عبدالله پورو نالو وٺڻ جي عادت وجهو

**صدرُ الشّريعہ** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه وڌيڪ لکن ٿا: عبدالله ۽ عبدالرّحمٰن تمام سٺا نالا آهن پر هن زماني ۾ اڪثر هي ڏٺو ويو

آهي تہ عبدالرحمٰن بدران ان شخص کي گهڻا ماڻهو رحمٰن چوندا آهن ۽ غير خدا کي رحمٰن چوڻ حرام آهي. اهڙي طرح عبدالخالق کي خالق ۽ عبدالمعبود کي معبود چوندا آهن، اهڙي قسم جي نالن ۾ اهڙي ناجائز ترميم هرگز نہ ڪئي وڃي. اهڙي طرح تمام گهڻن نالن ۾ تصغير جو رواج آهي يعني نالي کي اهڙي طرح کاريندا آهن جنهن مان حقارت محسوس ٿيندي آهي ۽ اهڙن نالن ۾ تصغير هرگز نہ ڪئي وڃي تنهن ڪري جتي اهو گمان هجي تہ نالن ۾ تصغير ڪئي ويندي اتي اهي نالا نہ رکيا وڃن. (بهار شريعت ج 3 ص 356) (هڪ ٻي جاءِ تي صدرُالشّريعہ لکن ٿا:) **الله** عَزَّوَجَلّ جي نالي جي تصغير ڪرڻ ڪُفر آهي جيئن ڪنهن جو نالو عبدالله يا عبدالخالق يا عبدالرحمٰن هجي ان کي سڏڻ وقت آخر ۾ الف وغيره اهڙا اکر ملائجن جنهن مان تصغير سمجهي ويندي آهي.
(بهار شريعت ج 2 ص 462)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عبدُالله نالو رکيو

سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 19 ڪان وڌيڪ خوشنصيب ٻارن جا نالا عبدُالله رکيا. اهڙي ئي هڪ ٻي روايت ملاحظہ فرمايو. حضرت سيِّدُنا عبدُالله بن مُطِيع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سندن والد خواب ۾ ڏٺو تہ انهن کي کجورن جي ٿيلهي ڏني وئي، انهن پنهنجو خواب نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌايائون، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا تنهنجي ڪا گهرواري اميد سان آهي؟ انهن عرض ڪيو: جي ها! بَنُولَيْث (قبيلي) سان تعلق رکندڙ گهرواري. نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن فرمايو: جلدئي ان کي ڇوڪرو پيدا ٿيندو. جڏهن ڇوڪرو پيدا ٿيو تہ اهي ان کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ کڻي آيا، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي کجورن جي سُتِّي ڏني، ان جو نالو عبدُالله رکيائون ۽ ان جي لاءِ برڪت جي دعا ڪيائون. (الاصابة ج 5 ص 21 رقم: 6207)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ جنّ جو نالو عبدُالله رکيائون

حضرت سيِّدُنا عامِر بن رَبِيعَہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا اسلام جي شروع ۾ اسان مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيمًا ۾ سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئاسين اسان مڪي جي هڪ جبل مان غيبي آواز ٻڌو جيڪو مشرڪن کي مسلمانن جي خلاف اڀاري رهيو هو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو شيطان آهي ۽ جنهن شيطان ڪنهن نبي جي خلاف اهڙو اعلان ڪيو آهي، **الله** عَزَّوَجَلّ ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلّ ان کي هڪ طاقتور جنّ جنهن جو نالو سَمْحَجَ آهي جي ذريعي هلاڪ ڪري ڇڏيو، مون ان جو نالو عبدالله رکيو آهي. شام جو اسان ان جبل تان غيبي آواز ۾ هي شعر ٻڌا:

نَحْنُ قَتَلْنَا مِسْعَرًا لَمَّا طَغٰى وَاسْتَكْبَرَا
وَصَغَّرَ الْحَقَّ وَسَنَّ الْمُنْكَرَا بِشَتْمِهٖ نَبِيَّنَا الْمُطَفَّرَا

يعني اسان مِسْعَر (خبيث جنّ) کي قتل ڪري ڇڏيو اهو سرڪش ۽ مغرور هو، اسان جي ڪامياب و ڪامران نبي جي باري ۾ بدڪلامي ڪندو هو ۽ حق جو منڪر هو.
(الاصابة ج 3 ص 148 رقم: 3485)

# عبدالرحمٰن نالو رکيو

حُضُور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيترن ئي صحابن سڳورن جو نالو عبدالرحمٰن رکيو. حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: جاهليّت واري زماني ۾ منهنجو نالو عبدِشمس (يعني سج جو ٻانهو) هو پوءِ ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو نالو عبدالرحمٰن رکيو.

(اسد الغابة ج 6 ص 337 رقم: 6319)

# تون ”ابوراشد عبدالرحمٰن“ آهين

حضرت سيِّدُنا ابوراشد عبدالرحمٰن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پنهنجي قوم جي 100 ماڻهن جو وفد وٺي حاضر ٿيا ۽ ايمان جي دولت سان نوازيا ويا. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي حاضريءَ جو احوال ٻڌائن ٿا ته مون سان گڏ اچڻ وارن ماڻهن مون کي چيو: پهريان توهان وڃي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ملاقات ڪيو، جيڪڏهن توهان کي ان ۾ پسنديده ڳالهه محسوس ٿئي ته اسان کي اچي ٻڌائجو اسان به حاضري ڏينداسين نه ته تون واپس موٽي اچجان اسان به موٽي هليا ويندا سين. مون حاضر ٿي عرض ڪيو: اَنْعِمْ صَبَاحًا يَا مُحَمَّد! يعني صبح بخير اي محمد! پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو ايمان وارن جو سلام ناهي. مون عرض ڪيو: ته پوءِ ڪهڙي طرح سلام ڪريان؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان ايمان وارن وٽ اچو ته چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ مون چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا رَسُوْلَ الله وَرَحْمَةُ اللّٰهِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن فرمايو: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجو نالو پڇيو مون عرض ڪيو: ابومعاويه عَبْدُاللَّاتِ وَالْعُزّٰي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بلڪ تون ”ابوراشد عبدالرحمٰن“ آهين. نبي معظم، رسول محترم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي عزّت افزائي فرمائي، مون کي ويهاريو، مون کي پنهنجي چادر ۽ عصا (يعني لٺ مبارڪ) عطا فرمائي. (جمع الجوامع ج 15 ص 551 حديث: 15102 ملخصًا)

## پنهنجي پٽ جو نالو عبدالرحمٰن رکو

حضرت سيِّدُنا عبدالرحمٰن بن ابوسَبْره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ صحابي ابن صحابي آهن. سندن شمار ڪوفي جي رهاڪو صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ ٿيندو آهي. سندن صاحبزاده حضرت سيِّدُنا خَيْثَمه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا: منهنجا والد عبدالرحمٰن منهنجي ڏاڏي سان گڏ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ ويا. حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي ڏاڏي کان پڇيو: تنهنجي انهيءَ پٽ جو نالو ڇا آهي؟ انهن عرض ڪيو: عَزِيز. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهيءَ جو نالو عَزِيز ناهي، ”عبدالرحمٰن“ رکو، سڀ کان سٺا نالا عبدُاللّٰه، عبدالرحمٰن ۽ حارث آهن. (اسد الغابة ج 3 ص 466 رقم: 3313)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: عَزِيز اَسماءِ الٰهيه منجهان آهي عزت مان ورتل آهي، مسلمان ۾ انڪساري، نوڙت ۽ عاجزي هئڻ گهرجي.
(مرآة المناجيح ج 6 ص 420)

## ضروري وضاحت

صدر الشّريعہ بدر الطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: هي نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهي بئي نالا (يعني عبدالله ۽ عبدالرحمٰن) محمد ۽ احمد کان بہ افضل آهن، ڇوتہ حضور اکرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اسم پاڪ محمد ۽ احمد آهن ۽ ظاهر اهوئي آهي تہ اهي بئي نالا خود الله تعالٰي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ منتخب فرمايا، جيڪڏهن اهي بئي نالا خدا (عَزَّوَجَلَّ) وٽ وڌيڪ پيارا نہ هجن ها تہ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پسند نہ فرمائي ها. حديثن ۾ مُحَمَّد نالي رکڻ جون گهڻيون فضيلتون بيان ٿيون آهن.

(بهارِ شريعت ج 3 ص 601)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اَسماءِ اِلٰهيہ سان گڏ نالي رکڻ جا مدني گُل

الله عَزَّوَجَلَّ جي نالن جا ٻہ قسم آهن. ذاتي ۽ صفاتي. ذاتي نالو صرف ”الله“ آهي. اهو ذاتي نالو ڪنهن انسان جي لاءِ رکڻ جائز ناهي جيڪڏهن عبد جي اضافت سان گڏ ”عبدُالله“ رکيو وڃي تہ جائز بلڪ باعثِ فضيلت آهي. صفاتي نالن جا ٻہ قسم آهن: (1) جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ سان خاص آهن. مثال طور: رحمٰن (هميشہ رحم ڪرڻ وارو)، قُدُّوس (وڏو پاڪ)، قَيُّوم (ازخود قائم رهڻ واري ذات) وغيره، جيڪڏهن اهي نالا عبد جي اضافت سان رکيا وڃن مثال طور: عَبۡدُالۡقُدُّوس، عبدالقَيُّوم تہ جائز آهي. (2) جيڪي نالا الله عَزَّوَجَلَّ سان خاص ناهن، مثال طور: علي، رشيد، ڪبير، بَدِيع

www.dawateislami.net

وغيره اهي نالا عبد جي اضافت ۾ ان جي بغير رکڻ بہ جائز آهن، پر اهڙي قسم جي نالن رکڻ جي صورت ۾ هي ضروري آهي تہ انهن نالن جي اها معنيٰ مراد نہ ورتي وڃي جيڪا **الله** عَزَّوَجَلَّ جي شان جي ئي لائق آهي، مثال طور: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو "رشيد، ڪبير" هئڻ ذاتي آهي ۽ مخلوق جي اندر اها معنيٰ عطائي آهي. صدر الشّريعہ، بدر الطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 حصو 16 صفحي 602 تي فرمائن ٿا: ڪجهہ اَسماءِ الٰهيہ جو اِطلاق (چيو وڃڻ) غيرُ**الله** تي جائز آهي ان سان گڏ نالو رکڻ جائز آهي جيئن علي، رشيد، ڪبير، بديع، ڇوتہ ٻانهن جي نالن ۾ اها معنيٰ مراد ناهي جن جو ارادو **الله** تعالٰي تي اطلاق ڪرڻ ۾ هوندو آهي ۽ انهن نالن ۾ الف و لام ملائي بہ نالو رکڻ جائز آهي، مثال طور: العلي، الرَّشيد. باقي هن زماني ۾ جڏهن تہ عوام ۾ نالن جي تصغير ڪرڻ (يعني اڌ نالو وٺڻ، نالو بگاڙڻ) جو رواج گهڻو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري جتي اهو گمان هجي اهڙن نالن کان بچڻ ئي مناسب آهي. خاص طور تي جڏهن اَسماءِ الٰهيہ سان گڏ عبد جو لفظ ملائي نالو رکيو ويو، مثال طور: عبدالرحيم، عبدالڪريم، عبدالعزيز جڏهن تہ اتي مضاف اليہ مان مراد **الله** تعالٰي آهي ۽ اهڙي صورت ۾ تصغير (يعني ننڍو ڪرڻ) جيڪڏهن قصداً هوندي تہ معاذ **الله** ڪفر هوندي، ڇوتہ هي ان شخص جي تصغير ناهي بلڪ معبود برحق جي تصغير آهي پر عوام ۾ اڻ واقفن جو اهو مقصد يقينًا ناهي، انهيءَ لاءِ اهو حڪم نہ ڏنو ويندو بلڪ انهن کي سمجهايو ۽ ٻڌايو وڃي ۽ اهڙي

موقعي تي اهڙا نالا ئي نہ رکيا وڃن جتي اهو گمان هجي.
(درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 688)

## ”جبّار“ نالو تبديل ڪري ”عبدالجبّار“ رکيو

حضرت سيِّدُنا عبدالجبّار بن حارِث رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو پهريون نالو ”جبار بن حارث“ هو. حضور تاجدار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تون ”عبدالجبّار“ (زبردست قدرت واري جو ٻانهو) آهين. (اسد الغابة ج 1 ص 387 رقم: 667)

**نوٽ**: ”عبد“ سان رکڻ وارن نالن جي فهرست هن ڪتاب جي صفحي 104 تي ملاحظ ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محمد جي نالي جي برڪتن تي مشتمل 6 فرمانِ مصطفيٰ

سرڪار نامدار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ نالي ”مُحَمَّد“ تي نالو رکڻ وڏي سعادت آهي. هڪ سَروي رپورٽ جي مطابق دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ رکيو ويندڙ نالو ”مُحَمَّد“ آهي. ”مُحَمَّد“ نالي جي فضيلت خود اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ زبان سان بيان فرمائي آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي:

۞ جنهن جي گهر پٽ پيدا ٿئي (اهو) منهنجي محبّت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو ”مُحَمَّد“ رکي تہ اهو ۽ ان جو پٽ ٻئي جنّت ۾ ويندا. (ڪنزالعمّال ج 16 ص 175 حديث 45215)

۞ جنهن منهنجي نالي مان برڪت جي اميد ڪندي منهنجي نالي

تي نالو رکيو قيامت تائين صبح و شام ان تي برڪت نازل ٿيندي رهندي. (ڪنزالعمّال ج 16 ص 175 حديث 45213)

۞ قيامت واري ڏينهن ٻه ماڻهو الله عَزَّوَجَلّ جي بارگاهه ۾ بيهاريا ويندا، حڪم ٿيندو: انهن کي جنّت ۾ وٺي وڃو. عرض ڪندا: الٰهي! اسان ڪهڙي عمل جي ڪري جنّت جا لائق ٿياسين، اسان ته جنّت جو ڪو ڪم ڪيوئي ناهي؟ الله عَزَّوَجَلّ فرمائيندو: جنّت ۾ وڃو! مون قسم ڪنيو آهي ته جنهن جو نالو احمد يا محمد هوندو، اهو دوزخ ۾ نه ويندو. (مسند الفردوس ج 2 ص 503 حديث 8515)

۞ الله عَزَّوَجَلّ فرمايو: مون کي پنهنجي عزّت و جلال جو قسم! جنهن جو نالو توهان جي نالي تي هوندو، ان کي عذاب نه ڏيندس. (ڪشف الخفاء ج 1 ص 345 حديث: 1243)

۞ جڏهن ڪا قوم ڪنهن مشوري لاءِ گڏ ٿيندي آهي ۽ انهن ۾ ڪو شخص "مُحَمَّد" نالي جو هجي ۽ اهي ان کي مشوري ۾ شريڪ نه ڪن ته انهن جي لاءِ مشاورت ۾ برڪت نه ٿيندي. (الڪامل في ضعفاءِ الرّجال ج 1 ص 275)

۞ جنهن جا ٽي پٽ هجن ۽ اهو انهن مان ڪنهن جو نالو "مُحَمَّد" نه رکي، اهو ضرور جاهل آهي. (معجم ڪبير ج 11 ص 59 حديث 11077)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي

حضرت سيِّدُنا امام مالڪ عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الخالق فرمائن ٿا: مڪي وارا پاڻ ۾ هيءَ گفتگو ڪندا هئا ته جنهن گهر ۾ به "مُحَمَّد" نالي جو ڪو فرد هوندو آهي ته ان گهر ۾ خيرو برڪت ٿيندي آهي ۽ ان جي رزق ۾ ڪثرت ٿيندي آهي. (المنتقیٰ شرح مؤطا امام مالڪ ج 9 ص 456)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لفظ ”محمد“ جي باري ۾ ايمان افروز مدني گُل

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡحَنَّان ”تفسير نعيمي“ ۾ لکن ٿا: لفظ مُحَمَّد جي معنيٰ آهي: هر طرح تعريف ڪيل، هروقت، هردم، هر زبان ۾ حمد و ثناء ڪيل. حقيقت هي آهي ته جيئن حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سموري مخلوق ۾ افضل، سڀني رسولن جا سردار آهن اهڙي طرح حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسم شريف به سڀني نبين جي نالن جو سردار آهي. هن پاڪ نالي جا بيشمار فضائل آهن جن مان ڪجهه هي آهن:

(1) انهيءَ پاڪ نالي کي الله تعاليٰ جي نالي يعني لفظِ ”الله“ سان وڏي مناسبت آهي. لفظ الله ۾ حرف چار، چارئي حرف نقطن کان خالي آهن، ان ۾ هڪ ”شدّ(ّ)“، ٻه ”حرڪتون“، هڪ ”سڪون(ْ)“ آهي، اهڙي طرح لفظ ”محمد“ ۾ چار حرف، چارئي حرف نقطن کان خالي آهن. ان ۾ به هڪ ”شدّ(ّ)“، ٻه ”حرڪتون“، هڪ ”سڪون(ْ)“.

(2) لفظ ”الله“ چوڻ سان ٻئي چپ جدا ٿي ويندا آهن، لفظ محمد چوندا آهيون ته ٻئي چپ ملي ويندا آهن چوته اهي مخلوق کي خالق سان ملائڻ ئي ته آيا آهن. جيڪڏهن انهن جو واسطو نه هجي ته مخلوق خالق کان گهڻو پري رهي.

(3) لفظ ”الله“ پنهنجي پنهنجي دلالت ۾ حرفن جو محتاج ناهي، جيڪڏهن پهريون الف نه رهي ته ”لِلّٰه“ ٻڃجي وڃي ٿو، جيڪڏهن پهريون لام به نه رهي ته ”لَهٗ“ آهي، جيڪڏهن وچ وارو الف به نه

هجي تہ ”ہ“ آهي، اهڙي طرح لفظ ”محمد“ دلالت ۾ حرفن جو محتاج ناهي، جيڪڏهن اوّل جي ميم الڳ ٿي وڃي تہ ”حمد“ رهندو آهي جيڪڏهن ”ح“ بہ هٽايو وڃي تہ ”مَدّ“ رهندو يعني چڪڻ، مخلوق کي چڪي خالق تائين پهچائڻ، جيڪڏهن وچ واري ميم بہ نہ رهي تہ ”دَال“ بمعنٰي رهبر.

(4) سيني جا نالا ان جا ماءُ پيءُ رکندا آهن لقب قوم ڏيندي آهي خطاب حڪومت کان ملندو آهي، پر حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو نالو، لقب ۽ خطاب سڀ الله عَزَّوَجَلّ جي طرفان آهن جو عبدالمطلب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرشتي جي بشارت سان اهو نالو رکيو.

(5) ٻين جا نالا پيدائش جي ستين ڏينهن رکيا ويندا آهن پر حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو پاڪ نالو جهان جي پيدائش کان پهريان عرش اعظم تي لکيو ويو هو ۽ حضرت عيسٰي عَلَیْہِ السَّلَام حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت کان تقريبًا 600 سال پهريان پنهنجي قوم کي فرمايو: **اِسۡمُہٗۤ اَحۡمَد** انهن جو نالو پاڪ احمد آهي، گذريل قومون سندن پاڪ نالي جي برڪت سان دعا گهرنديون هيون.

(6) ڪو شخص پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ”مُحَمَّد“ چئي بُرو نٿو چئي سگهي، جيڪڏهن چوندو تہ پاڻ پنهنجي واتان ڪوڙو ٿيندو جڏهن تہ انهن کي چوي تہ تو ”محمد“ يعني لائقِ حمد ۽ ڪري ٿو برايون، ان ڪري مڪي جي ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو نالو ”مُذَمَّم“ رکي سندن شان ۾ بڪواس ڪئي، حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڏسو اسان کي اسان جي ربّ تعاليٰ ڪافرن جي گارين کان بچايو، اهي ”مُذَمَّم“

ڪي برو چوندا آهن، هوندو ڪو ”مُذَمَّم“ اسان تہ ”مُحَمَّد“ آهيون.
(بخاري ج 4 ص 484 حديث 3533)

(7) حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نالو ”محمد“ وڏو جامع آهي، جنهن ۾ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا بيشمار فضائل بيان ٿي ويا آهن، آدم جي معنيٰ آهي مٽي مان پيدا ٿيڻ وارا، ابراهيم جي معنيٰ آهي ”مهربان پيءُ، ”اَبٌ رَحِيْمٌ“، نُوح جي معنيٰ آهي ”خوف خدا وچان گريہ وِزاري ۽ نوحو ڪرڻ وارا“ عيسيٰ جي معنيٰ آهي ”وڏو شريف النفس، ڪريم الطبع“ انهن سڀني نالن ۾ هڪ هڪ وصف جي طرف اشارو آهي پر ”محمد“ جي معنيٰ آهي هر طرح سان هر وصف ۾ بيحد تعريف ڪيل، انهيءَ ۾ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاتعداد خوبين ۽ ڪمالات ڏانهن اشارو ٿي ويو.

(8) لفظ ”محمد“ ۾ غيبي خبر بہ آهي جو هميشہ يعني دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي هر جڳهہ هر طرح حمد و ثناء ٿيندي رهندي. انهيءَ خبر جي صداقت اسان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون جو اڄ بہ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برابر ڪنهن جي تعريف نٿي ٿئي، بلڪ جيڪي حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان وابستہ ٿي ويا انهن جي بہ تعريف ٿي وئي، فرش تي ان جي واڪاڻ تہ عرش تي ان جا چرچا، اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪيڏو نہ سهڻو فرمايو آهي:

عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ فرش میں طرفہ دُھوم دھام
کان جدھر لگایئے تیری ہی داستان ہے

(9) جيڪو پنهنجي پٽ جو نالو محبت وچان ”محمد“ رکي، الله تعاليٰ ان تي رحم فرمائيندو تہ مونکي اهڙي شخص کي عذاب

www.dawateislami.net

ڏينديءَ حياء ايندي آهي جنهن منهنجي محبوب جي محبت ۾ پنهنجي پٽ جو نالو "محمد" رکيو آهي. (تفسير نعيمي ج 4 ص 220)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "محمد" نالو رکيو

ڪيترائي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اهڙا آهن جن جو نالو خود صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "محمد" رکيو. حضرت سيِّدُنا محمد بن طلحه رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدَتُنا زينب بنت جَحْش رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما جي ڀيڻ حضرت سيِّدتنا حَمْنه رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا صاحبزاده آهن. جڏهن سندن ولادت ٿي، سندن والد حضرت سيِّدُنا طلحه رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کيس سرڪار ابد قرار،شافع روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ کڻي ويا ته جيئن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻار کي سُتّي ڏين ۽ ان جو نالو رکن، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ انهن جو نالو "محمد" رکيو ۽ پنهنجي ڪُنيت "ابوالقاسم" عطا فرمائي.

(اسد الغابة ج 5 ص 101 رقم: 4738)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ چوڪرو پيدا ٿيندو

حضرت سيِّدُنا ابوشُعَيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، امام عطاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت ڪن ٿا ته جيڪو هي چاهي ته ان جي عورت جي حمل مان چوڪرو ٿئي ته ان کي گهرجي ته پنهنجو هٿ عورت جي پيٽ تي رکي چوي: اِنْ كَانَ ذَكَرًا فَقَدْ سَمَّيْتُهٗ مُحَمَّدًا يعني جيڪڏهن هي چوڪرو ٿيو ته مان ان جو نالو محمد رکيو." اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ چوڪرو ٿيندو.

(فتاويٰ رضويه ج 24 ص 690)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بي ادبي نہ ٿيڻ گهرجي

صدر الشّريعہ، بدر الطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: محمد تمام پيارو نالو آهي، ان نالي جي حديثن ۾ وڏي تعريف بيان ٿي آهي جيڪڏهن نالي بگاڙڻ جو انديشو نہ هجي تہ اهو نالو رکڻ گهرجي ۽ هڪ صورت هي آهي تہ عقيقي جو نالو اهو هجي ۽ سڏڻ لاءِ ڪو ٻيو نالو تجويز ڪيو وڃي (مثال طور: بلال رضا، هلال رضا وغيره) ۽ هندوستان (پاڪ و هند) ۾ اهڙي طرح گهڻو ٿيندو آهي جو هڪ شخص جا ڪيترائي نالا هوندا آهن انهيءَ صورت ۾ نالي جي برڪت بہ حاصل ٿيندي ۽ تصغير کان بچي سگهبو. (بهارِ شريعت ج 3 ص 356)

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جو طريقہ ڪار

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: فقير غَفَرَ اللّٰهُ تعاليٰ پنهنجي سيني پٽن پائيٽن جو عقيقي ۾ نالو صرف محمد رکيو پوءِ نالي پاڪ جي آداب جي حفاظت ۽ پاڻ ۾ سڃاڻپ جي لاءِ عُرف جدا مقرر ڪيو. (فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 689)

## عاشقِ اعليٰ حضرت جي ادا

جڏهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن جي خدمت ۾ ڪنهن جي نالي رکڻ جي درخواست ڪئي ويندي آهي تہ عام طور تي پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ان ٻار جو نالو: محمد ۽ پڪارڻ جي لاءِ عرف مثال طور: رَجب رضا رکندا

آهن. نالي سان گڏوگڏ رضا جو اضافو، امام اهلسنّت مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي نسبت سان ڪندا آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 1000 ڊالر انعام

هڪ اخباري اطلاع جي مطابق ”محمد“ نالي جي هڪ قدردان مسلمان حڪمران اعلان ڪيو آهي تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي نئين ڄاول ٻارن جا نالا نبي آخر الزمان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي ”محمد“ تي رکندا انهن کي هڪ هزار ڊالر هديي طور ڏنو ويندو. جشنِ ولادت نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موقعي تي ڪيل اعلان ۾ مسلمان حڪمران چيو آهي تہ هڪ هزار ڊالر جو هديو ان جي والده جي طرفان پيش ڪيو ويندو ڇوتہ هي خيال بنيادي طور تي والده ئي پيش ڪيو آهي. اعلان ۾ اهوبہ چيو ويو آهي تہ جيڪي والدين پنهنجي ڌيئرن جا نالا اُمّهاتُ المؤمنين جي نالن تي رکندا انهن کي هڪ هزار ڊالر هديو ڏنو ويندو. ان اعلان تي ان ملڪ ۾ رهڻ وارن مسلمان خاندانن ۾ خوشگوار ردِعمل محسوس ڪيو ويو آهي. (جنگ اردو آن لائن 16 جنوري 2014 بتصرف قليل)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڏيي ويندڙ نالي رکڻ جي هڪ اهم احتياط

خيال رهي تہ پڪارڻ جي لاءِ نالو اهڙو رکيو وڃي جنهن کي محمد سان ملائي ڳالهائڻ ۾ بي ادبي نہ هجي. اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: فقير ڪڏهن بہ جائز نٿو سمجهي تہ ڪلبِ

علي (علي جو ڪتو)، ڪلبِ حسين، ڪلبِ حسن، غلام علي، غلامِ حسين، غلام حَسَن، نثار حسين (حسين تي نثار ٿيڻ وارو)، فدا حسين (حسين تي فدا ٿيڻ وارو)، قربان حسين، غلام جيلاني (جيلاني جو غلام) و امثال ذالڪ جي اسماء (يعني اهڙن قسمن جي نالن) سان پاڪ نالو (يعني محمد) ملائي چيو وڃي، اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا حُسْنَ الْاَدَبِ وَنَجِّنَا مِنْ مُوْرِثَاتِ الْغَضَبِ! اٰمِيْن (اي الله! اسان کي حُسن ادب سان نواز ۽ غضب جي اسباب کان بچا. آمين.) (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 683)

## مفتي اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم اصلاح فرمائي

سراجُ العارفين حضرت علامہ مولانا غلامِ آسي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: مان پنهنجي نالي جي شروع ۾ برڪت جي لاءِ لفظ "محمد" شامل ڪري ڇڏيو هو. ان تي شهزادهٔ اعلٰي حضرت مفتي اعظم مولانا مصطفٰي رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان تنبيهہ فرمائي تہ اتي اسمِ رسالت (يعني محمد) نہ هجڻ گهرجي. مون فورًا عرض ڪيو تہ حضور پوءِ "محمد عبدُالحيّ" لاءِ ڇا حڪم آهي؟ ان جي جواب ۾ حضرت فرمايو: ڪٿي عبدالحي ۽ ڪٿي غلامِ آسي؟ علامہ فرمائن ٿا: "اهو جواب ٻڌي مان حيرت ۾ پئجي ويس ۽ حضرت جي تَفَقُّه في الدّين جي عظمت دل ۾ چڱي طرح ويهي وئي."

حضور مفتيءِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم پنهنجي ارشاد سان اها رهنمائي فرمائي آهي جو جنهن نالي جي شروع ۾ لفظ "محمد" آندو وڃي، جيڪڏهن انهي نالي جو اطلاق لفظ "محمد" تي درست هجي تہ اتي لفظ "محمد" شروع ۾ آڻڻ درست ٿيندو (جيئن محمد صالح) ۽ جيڪڏهن انهي نالي جو اطلاق لفظ "محمد" تي درست نہ

هجي تـہ اتي لفظ ”محمد“ شروع ۾ آڻڻ درست نـہ ٿيندو (جيئن محمد غلام حسين). حضور رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عبدُالحيّ آهن تنهن ڪري محمد عبدُالحيّ چوڻ درست آهي پر غلامِ آسي نـہ آهن ان ڪري ”محمد غلامِ آسي (يعني ”آسي“ جو غلام)“ چوڻ نامناسب آهي. (جهانِ مفتي اعظم ص 451)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پٽ جو نالو محمد رکو تـہ ان جي عزت ڪريو

جڏهن ڪو شخص پنهنجي پٽ جو نالو محمد رکي تـہ ان کي گهرجي تـہ ان پاڪ نالي جي نسبت سبب ان سان حُسن سلوڪ ڪري ۽ ان جي عزّت ڪري. مولا مشڪل ڪشا حضرت سيِّدُنا علي المرتضٰي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي تـہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان (پنهنجي) پٽ جو نالو محمد رکو تـہ ان جي عزّت ڪريو ۽ مجلس ۾ ان جي لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪريو ۽ ان ڏانهن برائيءَ جي نسبت نـہ ڪريو. (الجامع الصغير ص 49 حديث: 706) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي تـہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ٻار جو نالو محمد رکو تـہ ان کي نـہ ماريو ۽ نـہ محروم ڪريو.

(مسند البزار ج 9 ص 327 حديث: 3883)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نالو تبديل ڪري ڇڏيو

هڪ شخص جو نالو محمد هو. حضرت سيِّدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڏٺو تـہ هڪ ماڻهو ان کي گاريون ڏئي رهيو آهي، (ان

ڪي) سڏي چوڻ لڳا ڏسو توهان جي ڪري محمد ڪي گار ڏني پئي وڃي. هاڻي مرڻ گهڙيءَ تائين تون انهي نالي سان سڏيو نہ ويندين. اهڙي طرح انهيءَ وقت ان جو نالو عبدالرحمٰن رکيو ويو. پوءِ بنُوطَلّحہ وٽ پيغام موڪليو جيڪي ماڻهو انهيءَ نالي وارا هجن انهن جا نالا بدلايا وڃن. اتفاق سان اهي ست ماڻهو هئا ۽ انهن جي سردار جو نالو محمد هئو. ان چيو: رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ منهنجو نالو محمد رکيو آهي. فرمائڻ لڳا: هاڻي منهنجو ان تي ڪوبہ زور نٿو هلي سگهي.

(المسند للامام احمد بن حنبل ج 6 ص 267 حديث: 17916 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مان بي وضو هئس

سلطان محمود غزنوي هڪ پيرو اياز جي پٽ ڪي سڏيو: اي اياز جا پٽ! استنجا جي لاءِ پاڻي ڪٽي اچ. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ اياز عرض ڪيو تہ حضور! مون سان يا ان (يعني منهنجي پٽ) ڪان ڪهڙو قصور ٿيو آهي جو اوهان ان جو نالو نہ ورتو؟ فرمايائون: تنهنجي پٽ جو نالو محمد آهي، مان ان ڏينهن بي وضو هئس، مون ڪڏهن بنا وضو جي محمد نالو پنهنجي زبان سان ناهي ورتو.

هزار بار بشوَيَم دهن بَمُشک و گلاب!
هنوز نامِ تو گفتن کمال بے ادبی است

(يعني مان پنهنجي وات کي هزار ڀيرا مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئان تڏهن بہ اوهان جو نالو وٺڻ بي ادبي آهي) (تفسير نعيمي ج 4 ص 221)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اهڙي صورت ۾ ”محمد“ تي درود پاڪ ناهي لکيو ويندو

جيڪڏهن ڪنهن شخص جو نالو محمد هجي ته ڪي گهٽ علم وارا ماڻهو ان جو نالو لکنديء نالي سان گڏ درود ”صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“ لکندا آهن، يا وري ”صہ“ يا ”صلعم“ وغيره لکندا آهن. اتي جڏهن ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مراد ناهي هوندي ان ڪري درود پاڪ نه لکيو وڃي ۽ نه ئي ڪا علامت ”صہ“ يا ”صلعم“ وغيره لکو، بلڪ جتي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڪ نالو لکو ته مڪمل درود (مثلاً صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) لکو، يا ”صلعم“ وغيره جي علامت پاڪ نالي سان گڏ لکڻ ناجائز ۽ حرام آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1254 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت (جلد 1)“ جي صفحي 77 تي آهي: نالو پاڪ لکي ته ان ڪان پوءِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکي، ڪي ماڻهو مختصر ڪرڻ لاءِ ”صلعم“ يا ”صہ“ لکندا آهن، اهو بلڪل ناجائز و حرام آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 77)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”محمد نبي، احمد نبي“ نالو نه رکيو وڃي

محمد نبي، احمد نبي، محمد رسول، احمد رسول، نبي الزّمان نالو رکڻ به ناجائز آهي. پر ڪن جو نالو نَبِيُّ اللّٰه به ٻڌو ويو آهي. غير نبي کي نبي چوڻ هرگز هرگز جائز نٿو ٿي سگهي.

**تنبيهه:** جيڪڏهن ڪو شخص چوي ته نالن ۾ اصلي معنيٰ جو لحاظ ناهي هوندو، بلڪ اتي ته اهو شخص مراد آهي. ان جو جواب هي آهي ته جيڪڏهن ائين هجي ها ته شيطان ابليس وغيره ان قسم

جي نالن ڪان ماڻهو پاسو نہ ڪن ها ۽ نالن ۾ سنن ۽ برن نالن جا بہ قسم نہ هجن ها ۽ حديث ۾ نہ فرمايو وڃي ها تہ سٺا نالا رکو، پڻ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نالا تبديل نہ ڪن ها جڏهن ان اصلي معنٰي جو بلڪل لحاظ نہ ٿيو تہ پوءِ تبديل ڪرڻ جو ڪهڙو سبب؟ (بهار شريعت ج 3 ص 605)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”محمد بخش، احمد بخش“ نالو رکڻ جائز آهي

محمد بخش، احمد بخش، نبي بخش، پير بخش، علي بخش، حسين بخش ۽ ان قسم جا بيا نالا جن ۾ ڪنهن نبي يا ولي جي نالي سان گڏ بخش جو لفظ ملائي نالو رکيو ويو هجي جائز آهي. (بهارِ شريعت ج 3 ص 604)

## ”غلام محمد، غلام صديق“ نالو رکڻ جائز آهي

غلامِ محمد، غلام صديق، غلام فاروق، غلام علي، غلام حسن، غلام حسين وغيره اَسما جن ۾ انبياء، صحابہ ۽ اولياء جي نالن جي طرف غلام جي اضافت ڪري نالو رکيو وڃي اهو جائز آهي ان جي ناجائز هئڻ جو ڪو سبب ناهي. (بهارِ شريعت ج 3 ص 604)

## ”عبدالمصطفٰي، عبدالنبي“ نالو رکڻ جائز آهي

عبدُالمُصطفٰي، عبدُالنَّبِي، عبدالرَّسول نالو رکڻ جائز آهي ڇو تہ ان نسبت جي شرافت مقصود آهي ۽ عبوديّت جي حقيقي معنيٰ هتي مراد ناهي. باقي رهي عبد جي اضافت غيرُ الله ڏانهن اها قرآن و حديث مان ثابت آهي. (بهار شريعت ج 3 ص 604) ان طرح عبدالجمال ۽ عبدالرفيق نالو رکڻ بہ جائز آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”يٰس، طٰہٰ“ نالو رکڻ منع آهي

طٰهٰ، يٰس نالا به نه رکيا وڃن جو اُهي مُقَطَّعَاتِ قرآنيه مان آهن. جن جي معنيٰ معلوم ناهي. ظاهر هي آهي ته اهي اَسماءِ نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا آهن ۽ ڪن عالمن اسماءِ الٰهيہ مان مراد ورتا آهن. بهرحال جڏهن معنيٰ معلوم ناهي ته ٿي سگهي ٿو ته ان جي اهڙي معنيٰ هجي جيڪا حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يا الله تعاليٰ سان خاص هجي ۽ انهن نالن سان محمد ملائي ”محمد طٰهٰ“، ”محمد يٰس“ چوڻ به ممانعت ختم نه ڪندو. (بهار شريعت ج 3 ص 605)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”غَفُورُ الدين“ نالي رکڻ جو حڪم

غَفُورُ الدِّين (نالو) به سخت قَبيح (برو) آهي، غفور جي معنيٰ متائڻ وارو، لِڪائڻ وارو، الله عَزَّوَجَلّ غفورِ ذُنوب آهي يعني پنهنجي رحمت سان پنهنجي ٻانهن جا گناهہ متائيندو، عيب لڪائيندو آهي ته غَفُورُ الدِّين جي معنيٰ ٿي دين کي متائڻ وارو.

(فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 681)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪنهن بزرگ کي قَيوم زمان چوڻ ڪيئن؟

سوال: ڪنهن جو نالو عبدالقَيُّوم هجي ان کي قَيُّوم سڏڻ ڪيئن؟ اهڙي طرح ڪنهن بزرگ کي ”قَيُّومِ جهان“ يا ”قَيُّومِ زمان“ چئي سگهجي ٿو يا نه؟

جواب: ائين چوڻ حرام آهي. ڪن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی وٽ بانهي کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مخصوص نالن جيئن قَيُّوم، قُدُّوس يا رحمٰن چئي پڪارڻ ڪفر آهي. ”قَيُّومِ جهان“ يا ”قَيُّومِ زمان“ چوڻ جو هڪ ئي حڪم آهي. جيئن تہ منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فتاوٰي رضويہ جلد 15 صفحي 280 تي فرمائن ٿا: فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ”قَيُّوم جهان“ غير خدا کي چوڻ تي تڪفير فرمائي. مَجۡمَعُ الۡاَنۡهَر ۾ آهي: ”جيڪڏهن ڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اَسماءِ مُخۡتَصَّہ (يعني مخصوص نالن) ۾ ڪنهن نالي جو اطلاق مخلوق تي ڪري جيئن ان کي (يعني مخلوق جي ڪنهن فرد کي) قُدُّوس، قَيُّوم يا رحمٰن چوي تہ اهو ڪفر تي ويندو.“ (مجمع الانهر ج 2 ص 504)

(وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم)

## ماڻهوءَ کي قَيّوم، قُدوس ۽ رحمٰن چئي سڏ نہ ڪجي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات ڪےبارےميں سوال جواب“ جي صفحي 591 تي بيان ڪيل سوال جواب ڪان پوءِ لکن ٿا: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سخت تاڪيد آهي تہ ڪنهن بہ شخص کي رحمٰن، قَيُّوم ۽ قُدُّوس وغيره نہ چئو بلڪ عادت بڻايو تہ جنهن جي نالي ۾ اللّٰه جي نالي سان ”عبد“ جي اضافت هجي مثلاً جنهن جو نالو عبدالمجيد يا عبدالڪريم وغيره هجي ان کي مجيد يا ڪريم چئي ڪري نہ سڏين، ان مان ”عبد“ خارج نہ ڪيو، باقي! غيرخدا کي ”مجيد“ يا ”ڪريم“ چوڻ ڪفر ناهي.

(ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب ص 591)

www.dawateislami.net

## عبدُالقادِر کي قادِر چوڻ ڪيئن؟

سوال: عبدُالقادِر، عبدالقدير، عبدالرَّزّاق وغيره نالي وارن ماڻهن کي قادِر، قدير ۽ رزّاق چئي پڪارڻ ڪيئن آهي؟

جواب: اهڙي قسم جي هڪ سوال جو جواب ڏيندي شهزادهٔ اعلٰي حضرت حُضور مفتيءِ اعظم هند مولانا محمد مصطفٰي رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: اهڙن نالن مان لفظ عبد جو حَذْف (يعني الڳ ڪرڻ) تمام برو آهي ۽ ڪڏهن ناجائز و گناه ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن سرحدِ ڪفر تائين به پهچندو آهي. قادِر جو اِطلاق ته غير تي جائز آهي. ان صورت ۾ عبدُالقادر کي قادِر سڏڻ برو آهي پر قدير جو اطلاق غير خدا تي ناجائز. ڪما في البيضاوي (جيئن بيضاوي ۾ آهي) ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو نالو عبدالقُدُّوس، عبدالرحمٰن، عبدالقَيّوم آهي ته ان کي قدّوس، رحمٰن، قيّوم چوڻ ائين آهي جيئن جنهن جو نالو عبدالله هجي، ان کي ”الله“ چوڻ تمام سخت ڳالهه آهي. والعِياذ بالله تعالٰي. جنهن جو نالو عبدالقادر هجي ان کي به عبدالقادر ئي چيو ويندو، جنهن جو نالو عبدالقدير ان کي عبدالقدير ئي چوڻ ضروري آهي. عبدالرزاق کي عبدالرزاق، عبدالمُقتدر کي عبدالمُقتدر. غير تي قدير ۽ مقتدر جو اطلاق (يعني اللهعَزَّوَجَلّ کان علاوه ڪنهن غير کي قدير ۽ مقتدر چئي سگهجي ٿو يا نه ان مسئلي) ۾ علماء جو اختلاف آهي. ڪما في غاية القاضي حاشيه شرح البيضاوي.

(فتاويٰ مصطفويه ص 89-90، ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب ص 593)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”عبدالقيّوم“ نالو رکڻ

حضرت سيِّدُنا ابوعبيده عبدالقَيُّوم اَزْدِي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي آقا ابوراشد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان بنواَزْد جي وفد سان گڏ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آيا، بيچين دلين جي چين، رحمت دارين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابوراشد کان پڇيو: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: عبدالعُزيٰ ابومُغويه. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تون ”عبدالرحمٰن ابوراشد“ آهين. پوءِ ارشاد فرمايائون: اهو توهان سان ڪير آهي؟ عرض ڪيائين: منهنجو غلام. فرمايائون: ان جو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: قَيُّوم (هميشه قائم رهڻ وارو). ارشاد فرمايائون: اهو عبدالقَيُّوم (هميشه قائم رهڻ واري جو ٻانهو) آهي. (اسد الغابة ج 3 ص 525 رقم: 3421)

## بُزرگان دين کان نالو رکرائڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُزرگان دين کان ٻارن جو نالو رکرائڻ خير و برکت جو باعث آهي، دور رسالت ۾ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو معمول هوندو هو ته جڏهن انهن جي گهر ٻار پيدا ٿيندو هو ته ان کي سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ کڻي ايندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي لاءِ دعا ڪندا هئا، نالو رکندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سُتّي بہ ڏيندا هئا، جيئن اُمُّ المُؤمنين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ ماڻهو پنهنجي ٻارن کي تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ اقدس ۾ کڻي ايندا هئا پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي لاءِ خير و برڪت جي

دعا ڪندا هئا ۽ تحنيڪ (يعني سُتّي) ڏيندا هئا. (مسلم ص 1184 حديث 2147)

اهڙيون ٻيون ٻه روايتون ملاحظ فرمايو.

## ﴿1﴾ ٻار جو نالو "عبدالله" رکيو

حضرت سيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا، جڏهن ابوطلحه انصاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو پٽ عبدُالله (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ) پيدا ٿيو ته مان انهن کي کڻي خاتم المُرسلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چادر ويڙهيو پنهنجي اُٺ کي تيل هڻي رهيا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا تو وٽ ڪجوروں آهن؟ مون عرض ڪيو: جي ها! پوءِ مون ڪجهه ڪجورون ڪديي بارگاهه رسالت ۾ پيش ڪيون. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪجورون پنهنجي وات مبارڪ ۾ وجهي چٻاڙي ٻار جي وات ۾ وڌيون، اهو ٻار ان کي چوسڻ لڳو، پوءِ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "انصار کي ڪجورن سان محبت آهي." ۽ ان ٻار جو نالو عبدُالله رکيائون. (مسلم ص 1183 حديث: 2144)

## ﴿2﴾ "ابراهيم" نالو رکيائون

حضرت سيِّدُنا ابوموسٰي اَشعري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته منهنجو پٽ پيدا ٿيو، مان ان کي کڻي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزهٌ عن العيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو "ابراهيم" رکيو ۽ ان کي ڪجور جي سُتّي ڏني.

(مسلم ص 1184 حديث: 2145)

## ﴿3﴾ ”عبدُالملک“ نالو رکيائون

حضرت سيِّدُنا نُبَيط بن جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو پٽ پيدا ٿيو. اهي ان کي کڻي نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان هن جو نالو رکو، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو نالو عبدالمَلِڪ رکيو ۽ ان لاءِ برڪت جي دعا ڪيائون.

(الطبقات الڪبٰري لابن سعد ج 8 ص 325 رقم: 4585)

## ﴿4﴾ ”سنان“ نالو رکيائون

حضرت سيِّدُنا ابوعبدالرحمٰن سِنان بن سَلَمَہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا: مان غزوه حُنَين جي ڏينهن پيدا ٿيو هئس، منهنجي والد کي منهنجي ولادت جي خوشخبري ٻڌائي وئي تہ انهن چيو: محبوبِ ربُّ العزّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دفاع ۾ تير هلائڻ منهنجي پٽ جي خوشخبري کان وڌيڪ پسند آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 7 ص 246 حديث 20093) پوءِ منهنجو والد مونکي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ کڻي آيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي سُتي ڏني، منهنجي وات ۾ لعاب دهن وڌائون، منهنجي لاءِ دعا ڪيائون ۽ منهنجو نالو ”سِنان (يعني نيزي جي چهنب)“ رکيائون. (الاستيعاب ج 2 ص 217 رقم: 1076)

## ﴿5﴾ ”مُسرِع“ نالو رکيائون

حضرت سيِّدُنا مُسرِع بن ياسِر جُهَني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي والد حضرت سيِّدُنا ياسر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ڪنهن سريه[1] ۾ موڪليو

[1] اها جنگ لشڪر جنهن ۾ حضور انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنفس نفيس شامل هئا ان کي ”غزوه“ ۽ جنهن ۾ لشڪر روانو فرمايو پر پاڻ شامل نہ ٿيا ان کي ”سريہ“ چوندا آهن.

(سيرت رسول عربي، ص 127 ملخصًا)

www.dawateislami.net

ويو، انهيءَ دؤران حضرت سيِّدُنا مُسرِع جي ولادت ٿي، ان جي والده پاڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ڪٺي آيون ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي پٽ پيدا ٿيو آهي ۽ ان جا والد لشڪر سان گڏ آهن، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو نالو رکن، حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڪ کي کنيو، ان تي هٿ ڦيريائون ۽ دعا ڏنائون: اي الله! انهن جي مَردن کي ڪثرت عطا فرما، انهن جي گناهن کي گهٽ ڪر، انهن کي ڪنهن جو محتاج نه ڪر، پوءِ ارشاد فرمايائون: اسان انهن جو نالو مُسرِع (يعني جلدي ڪرڻ وارو) رکيو آهي انهن اسلام ۾ جلدي ڪئي آهي.

(اسد الغابة ج 5 ص 164 رقم: 4861 و الاصابة ج 6 ص 501 رقم: 9231)

## ﴿6﴾ ”يحيٰ“ نالو رکيائون

حضرت سيِّدُنا يحيٰ بن خلّاد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ولادت سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دؤر ۾ ٿي. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ آندا ويا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کجور چٻاڙي سُتي ڏنائون ۽ فرمايائون: اسان ان جو اهو نالو رکنداسين جيڪو حضرت يحيٰ بن زڪريا (عَلَيْهِمَا السَّلَام) کان پوءِ ڪنهن جو ناهي رکيو ويو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جو نالو يحيٰ رکيو. (اسد الغابة ج 5 ص 486 رقم: 5505)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت سيِّدُنا يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو نالو ڪنهن رکيو؟

الله عَزَّوَجَلَّ قبلهءِ اوّل ۾ دعا ڪرڻ واري عظيم القدر پيرسن پيغمبر

حضرت سيِّدُنا زڪريا عَلَيْهِ السَّلام جي دعا کي شرف قبوليّت عطا ڪندي نہ رڳو انھن کي پٽ جي بشارت ڏني بلڪ انھن جو نالو يحيٰ (عَلَيْهِ السَّلام) بہ خود عطا فرمايو ۽ ارشاد فرمايو ويو:

يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ِۨاسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ۝
(پ 16 مريم 7)

ترجموڪنزالايمان: اي زڪريا اسان تو کي خوشخبري ڏيون ٿا هڪڙي پٽ جي جنھن جو نالو يحيٰ آهي ان کان اڳ اسان ان جي نالي سان ڪو بہ پيدا نہ ڪيو آهي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت هجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.
اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿7﴾ "مريم" نالو عطا فرمايائون

حضرت سيِّدُنا ابومريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڄ رات منھنجي گھر ڇوڪريءَ جي ولادت ٿي آهي، حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اڄ رات مون تي سوره مريم نازل ٿي آهي پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منھنجي نياڻي جو نالو مريم رکيو ۽ منھنجي ڪُنيَت "ابومريم" رکي. (اسد الغابة ج 6 ص 300 رقم: 6240)

## پيرخاني مان نالو عطا ٿيو

اعلٰي حضرت شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي گھر جڏهن سندن ننڍي شهزادي مصطفيٰ رضا خان (مفتي اعظم هند رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه) جي ولادت ٿي تہ پاڻ ان وقت پنھنجي مرشدخاني ۾

هئا. حضرت ابوالحسين نُوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی ڪين پٽ جي ولادت جي مبارڪباد ڏني ۽ فرمايائون: اوهان بريلي وڃو ۽ ”ابوالبرڪات محي الدين جيلاني“ نالو تجويز فرمايو. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ حضرت نوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی بريلي تشريف فرما ٿيا تہ شهزادهٔ اعلٰي حضرت کي آغوشِ نوري ۾ وڌو ويو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي آگر مبارڪ مصطفٰي رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي وات ۾ رکي قادري ۽ برڪاتي برڪتن سان اهڙو تہ مالامال ڪيو جو اهي ئي شهزاده وڏا ٿي مفتي اعظم هند بڻيا. (تاريخ مشائخ قادريہ ج 2 ص 447 ملخصا)
حضرت مفتي اعظم هند جو پيدائشي ۽ اصلي نالو محمد آهي. والد ماجد اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن عُرفي نالو مصطفٰي رضا رکيو، اهو عُرفي نالو ايتري قدر مشهور ٿيو جو خاص و عام ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ان نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. (جهانِ مفتي اعظم ص 102)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماڻهن جا بُرا نالا رکڻ

منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاوٰي رضويہ جلد 23 صفحي 204 تي لکن ٿا: ڪنهن مسلمان بلڪ ڪافر ذِمِي[1] کي بہ بنا حاجت شرعيہ اهڙن لفظن سان سڏڻ يا تعبير ڪرڻ جنهن سان ان جي دل آزاري ٿئي ۽ انکي ايذاءُ پهچي اهو شرعًا ناجائز ۽ حرام آهي، جيتوڻيڪ في نفسہ سچي هجي فَاِنْ كُلَّ حَقٍّ صِدۡقٌ وَلَيۡسَ كُلُّ صِدۡقٍ حَقًّا (هر حق

[1] هن وقت دنيا ۾ سڀئي ڪافر حربي آهن. (غيبت جون تباه ڪاريون ص 227)

www.dawateislami.net

سچ آهي پر هر سچ حق ناهي) (فتاوٰي رضويه ج 23 ص 204) تنهنڪري جنهن جو جيڪو نالو هجي ان کي ان نالي سان سڏڻ گهرجي، پنهنجي طرفان ڪنهن جو ابتو سُبتو نالو مثلاً ڏگهو، نينگو، ڪالو وغيره نہ رکيو وڃي، عام طور تي اهڙا نالا ونڻ سان دل آزاري ٿيندي آهي ۽ اهو ان کان چِڙندو بہ آهي. پر سڏڻ وارو چاٽي واٽي هر هر مزو ونڻ لاءِ ان کي ان نالي سان پڪاريندو آهي، ائين ڪرڻ وارن کي سنڀلجڻ گهرجي ڇوتہ ربّ تعالٰي فرمائي ٿو:

وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِیْمَانِ ۚ (پ 26 الحجرات 11)

ترجموڪنزالايمان: ۽ هڪ ٻئي جا خراب نالا نہ رکو، ڪهڙو نہ برو نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْھَادِی انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: (يعني اهي نالا جيڪي انهن کي ناگوار لڳن. حضرت سيدنا ابن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جن فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ڪنهن برائي کان توبه ڪئي هجي ان کي توبه کان پوءِ ان برائي کان عار ڏيارڻ بہ ان نهي (يعني ممانعت جي حڪم) ۾ داخل ۽ ممنوع آهي. ڪن عالمن فرمايو تہ ڪنهن مسلمان کي ڪتو يا گڏھ يا سوئر چوڻ بہ ان ۾ داخل آهي، ڪن عالمن فرمايو تہ ان مان اهي لقب مراد آهن جن مان مسلمانن جي برائي ٿيندي هجي ۽ ان کي ناپسند لڳي پر تعريف جا لقب جيڪي سچا هجن ممنوع ناهن، جيئن حضرت ابوبڪر جو لقب عَتِيق (يعني جهنم کان آزاد) ۽ حضرت عمر جو فاروق (حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو) ۽ حضرت عثمان غني جو ذوالنُّورين (يعني ٻن نورن وارو) حضرت علي جو ابوتُراب (يعني مٽي وارو) ۽ حضرت

خالد جو سيفُ الله (الله جي تلوار) رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم ۾ جيڪي لقب بمنزلہ عَلَم (يعني نالي جي طور مشهور) ٿي ويا ۾ لقب واري کي ناگوار ناهن اهي لقب بہ منع ناهن جيئن اَعۡمش (ڪمزور نظر وارو)، اَعۡرَج (لنگڙو). (”ڪھڙو نہ برو نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ“ جي تحت صَدۡرُالۡاَفاضِل لکن ٿا:) تہ اي مسلمانو! ڪنهن مسلمان جي نٺول نٺاهي يا ان تي عيب لڳائي يا ان جو نالو بگاڙي پنهنجي پاڻ کي فاسق نہ چورايو. (خزائن العرفان ص 950)

## ملائڪ لعنت ڪندا آهن

حضرت سيدنا عُمير بن سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪن ٿا حُسنِ اخلاق جا پيڪر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڪنهن شخص کي ان جي نالي کان سواءِ (ٻئي) نالي سان پُڪاريو ان تي ملائڪ لعنت ڪندا آهن. (جمع الجوامع ج 7 ص 23 حديث: 20612) يعني ڪنهن بُري لقب مان جيڪو ان کي بُرو لڳي نہ هي جو اي خدا جا ٻانها! وغيره مان. (التيسير شرح الجامع الصغير تحت الحديث 20612 ج 2 ص 416)

## ڪنهن کي بيوقوف يا چِبِرو چوڻ جو حڪم

منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۾ ملت، پروانہ شمع رسالت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن جن کان سوال ڪيو ويو: جيڪو شخص ڪنهن عالِم جي نسبت يا ڪنهن ٻئي کي لفظ مردود چوي يا هيئن چوي تہ اهو ”بيوقوف“ آهي، ڪجھ بہ نٿو ڄاڻي ۾ ”چِبِرو“ آهي تہ ان شخص جي باري ۾ شريعت جو ڇا حڪم آهي؟ اعلٰي حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ جواب ڏنو: بنا ڪنهن سبب جي اهڙن لفظن سان سڏڻ ناحق ايذاءُ ڏيڻ آهي ۾

مسلمان کي ناحق ايذاءُ ڏيڻ شريعت ۾ حرام آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰه يعني جنهن بنا ڪنهن شرعي سبب جي ڪنهن مسلمان کي ايذايو ان مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذايو. (المعجم الاوسط ج 2 ص 387 حديث: 3607) پوءِ علماءِ دين متين جو شان تہ نهايت ارفع و اعلٰي آهي ان جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ واري کي حديث ۾ منافق چيو ويو آهي: ثَلٰثَةٌ لَا يَسْتَخِفُّ بِحَقِّهِمْ اِلَّا مُنَافِقٌ ذُوالشَّيْبَةِ فِي الْاِسْلَامِ وَذُو الْعِلْمِ وَاِمَامٌ مُقْسِطٌ يعني سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: ٽي ماڻهو آهن جن جو حق معمولي نہ سمجهندو پر منافق، (هڪ) اسلام ۾ پيرسن (ٻيو) عالِم (ٽيون) عادل بادشاهہ اسلام. (المعجم الڪبير ج 8 ص 202 حديث: 7819) اهڙو شخص شرعًا تعزير جو لائق آهي. وَاللهُ سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰى اَعْلَمُ وَعِلْمُهٗ جَلَّ مَجْدُهٗ اَتَمُّ وَاَحْكَم (فتاوٰي رضويہ ج 13 ص 644)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## محبّت ڀريل نالن سان سڏڻ

اڪثر اسان جا مِنا مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان يا ازواجِ مطهّرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جي نالن کي مختصر يا تصغير ڪري محبت ڀريي انداز سان سڏيندا هئا، ان جا ڪجهہ مثال ملاحظہ فرمايو:

۞ حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي يا عُثَيم (مسند احمد ج 10 ص 101 حديث 26190) ۞ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي يا اُنَيس (مسلم ص 1264 حديث 2309) ۽ يا ذَا الْاُذُنَيْنِ (اي ٻن ڪنن وارا) (ترمذي ج 3

www.dawateislami.net

ص 399 حديث 1998) ۞ حضرت سيدنا جابِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪي يا جُوَيۡبَر (جمع الجوامع ج 14 ص 208 حديث 10189) ۽ يا جُبَير (جمع الجوامع ج 14 ص 209 حديث 10200) ۞ حضرت سيدنا مقدام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪي يا قُدَيم (ابي داوٗد ج 3 ص 183 حديث: 2933) ۞ حضرت سيدتنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ڪي يا عائِش (بخاري ج 2 ص 551 حديث: 3768) ۽ شُقَيۡراء (گهٽي پوري رنگ واري) (جمع الجوامع ج 3 ص 135 حديث: 7823) ۽ حُمَيراء (ڳاڙهي رنگ واري) (الطبقات ابن سعد ج 8 ص 63-64 حديث: 4128) ۽ يا عُوَيش! (جمع الجوامع ج 5 ص 445 حديث: 16380) ۞ حضرت سيدنا زينب بنت امِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ڪي يا زُوَيۡنَب (جمع الجوامع ج 5 ص 489 حديث: 16835) چئي ڪري سڏيندا هئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ذهن ۾ رهي تہ اسان کي انهيءَ سلسلي ۾ ڏاڍي احتياط جي ضرورت آهي جو ڪٿي اهو نالو جنهن کي اسان محبت ڀريو سمجهي رهيا آهيون. اڳيئن کي پسند نہ هجي پر اهو ادب ۽ مروّت جي ڪري ڪجهہ چوڻ جي همت نہ رکندو هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪري اسان جو انداز دل آزاري جو بہ سبب بڻجي سگهي ٿو تنهن ڪري احتياط جو دامن هٿ مان ڇڏڻ نہ گهرجي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تون ”سفينہ“ آهين

حضرت سيِّدُنا سفينہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪن ٿا: مان هڪ سفر ۾ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ساں گڏ هئس. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُم مان جڏهن ڪو ٿڪجندو هو پنهنجي تلوار، ڍال ۽ تير مون تي رکي ڇڏيندو هيو ايستائين جو مون تي گهڻو سامان گڏ ٿي ويو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ڏنو

www.dawateislami.net

تہ ارشاد فرمايو: تون سفينہ (جهاز) آهين. ان ڏينهن جيڪڏهن مان هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنج، ڇهہ، ست اُنن جو بار بہ ڪڻان ها تہ مون تي ڳرو نہ ٿئي ها. جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان سندن نالو پڇيو ويندو هو تہ چوندا هئا: مان بالڪل نہ ٻڌائيندس، منهنجي آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو لقب سفينہ رکيو آهي.

(مسند امام احمد ج 8 ص 215 حديث: 21984-21987 ملخصا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لقب ڇا کي چئبو آهي؟

نالي کان سواءِ ڪنهن ٻئي لفظ سان ڪنهن کي پُڪارڻ لقب چئبو آهي. جنهن ۾ تعريف ۽ برائي جي ڪا خاص معنيٰ هجي. (التعريفات للجرجاني ص 136) اهو عام طور تي اهل محبت يا دشمنن جي طرفان ڏنو ويندو آهي، پاڻ ناهي رکيو ويندو.

مختلف بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جا لقب انهيءَ ڪتاب جي صفحي 166 تي موجود آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تخلص جي تعريف

شاعر جو انهيءَ مختصر نالي کي تخلُّص چئبو آهي جيڪو شعرن ۾ استعمال ٿيندو آهي، هي عام طور تي ڪلام جي آخري شعر ۾ ايندو آهي.

## 11 اهلسنت جي اڪابرن جا تخلص

| | |
|---|---|
| امامِ اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن | رَضا |

| | |
|---|---|
| استاذِ زَمَن حضرت مولانا حسن رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن | حَسَن |
| حضرت مولانا ڪفايت الله ڪافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی | ڪافي |
| اعلٰي حضرت جي جد امجد جي شاگرد مولانا محمد حسن علمي بريلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی | علمي |
| مفتيءِ اعظم هند حضرت مولانا مصطفٰي رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن | نوري |
| حجة الاسلام حضرت مولانا حامد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن | حامد |
| مداحُ الحبيب حضرت مولانا جميل الرحمٰن رضوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی | جميل |
| صدرالافاضل حضرت مولانا نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی | نُعِيم |
| حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن | سالڪ |
| والد صدر الافاضل حضرت مولانا سيد معين الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمُبِين | نُزهَت |
| امير اهلسنّت حضرت علاّمہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه | عطّار |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محبّت وڌائڻ جو سبب

حضرت سيِّدُنا عثمان بن طلحہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ٽي شيون توهان جي ڀاءُ جي دل ۾ توهان جي لاءِ سچي محبّت جو سبب بڻبيون (1) جڏهن توهان ان سان ملو تہ سلام ڪيو (2) مجلس ۾ ان جي لاءِ ڪشادگي ۽ وسعت پيدا ڪريو ۽ (3) ان ڪي ان جي پسنديده نالي سان سڏيو. (جمع الجوامع ج 4 ص 141 حديث: 10814)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سٺن نالن ۾ ڪُنيَت سان سڏيو

منا منا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام ۾ جيئن هڪ مسلمان جي لاءِ نالي جي اهميّت آهي ۽ سٺي نالي رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي اهڙي طرح ڪُنيَت بہ اهميّت جي حامل آهي ۽ مسلمانن کي ڪُنيَت سان سڏڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. حضرت سيِّدُنا حَنْظَلہ بن حِذْيَم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا، سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ ڪنهن شخص کي ان جي پسنديده نالي ۽ ڪُنيَت سان سڏيو وڃي.

(جمع الجوامع ج 14 ص 338-339 حديث: 10905)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪُنيَت ڇا کي چئبو آهي؟

اَلْکُنْیَةُ مَا صُدِّرَ بِاَبٍ اَوْ بِاُمٍّ اَوْ اِبْنٍ اَوْ اِبْنَة ڪُنيَت مان مراد اهو نالو آهي جيڪو ”اَبٌ، اُمٌّ، اِبْن“ يا ”اِبْنَة“ سان شروع ٿئي. (التعريفات ص 132)

مثال طور ابوالقاسم، ابوبلال، ابورجب ۽ ابنِ احمد وغيره.

## ڪُنيَت ۾ ”ابو“ جي معنٰي

مرد جي ڪُنيَت ۾ ”اَبُو“ جو لفظ ايندو آهي جيتوڻيڪ ”اَبٌ“ جي لغوي معنٰي پيءُ آهي پر ڪُنيَت ۾ هر جاءِ تي ”اَبُو“ مان مراد پيءُ ناهي هوندو. حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: ڪُنيَت ۾ ”اَبُو“ ايندو آهي ان جي معنيٰ هر جڳهہ والد ناهي هوندي بلڪ اڪثر جڳهين تي ان جي معنيٰ هوندي آهي: ”وارو“ جيئن ”اَبُوجَهل“ جهالت وارو، ”اَبُوهُرَيْرَه“ ٻلين وارو، اهڙي طرح ”اَبُوالحَکَم“ فيصلي ڪرڻ وارو، ”اَبُوبَکر“ جي معنٰي

اَوَّلِيَّت وارو. (مرآة المناجيح ج 6 ص 415)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابوهريره (ننڍي ٻلي وارو)

هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي آستين ۾ ننڍي ٻلي ڏٺي تہ فرمايائون: يَا اَبَاهُرَيْرَة يعني اي ننڍي ٻلي وارا. (عمدة القاري ج 12 ص 354 تحت الحديث 4393) تڏهن ان ڪنيت (يعني ابوهريره) کي ايڏي تہ شهرت ملي جو سندن نالو عبدالرحمٰن گهڻن ماڻهن کي ياد ئي ناهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابوتُراب (مٽي وارا)

رسولِ اڪرم، نُورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاتون جنّت حضرت سيِّدَتُنا فاطمہ زهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر تشريف فرما ٿيا تہ حضرت سيِّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم گهر ۾ موجود نہ هئا. خاتونِ جنّت حضرت سيِّدُنا فاطمہ زهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان پڇيو: توهان جا سؤٽ ڪٿي آهن؟ انهن جواب ڏنو: منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪجھ اختلاف ٿي پيو هو ان ڪري اهي مون کان ناراض ٿي گهران هليا ويا آهن ۽ مون وٽ قيلولہ (يعني ٻنپهرن جو آرام) ناهي ڪيو. سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي فرمايو: وڃو! ڏسو اهي ڪٿي آهن؟ ان شخص اچي عرض ڪيو: يا رسول الله! اهي مسجد ۾ ليٽيا پيا آهن. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد نبوي ۾ تشريف فرما ٿيا تہ حضرت علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم آرام

فرمائي رهيا هئا، چادر سندن پاسي تان هٽي وئي هئي ۽ پاسي مبارڪ تي مٽي لڳي وئي هئي. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٽي صاف ڪندي فرمائڻ لڳا: قُمْ يَا اَبَا تُرَاب! قُمْ يَا اَبَا تُـرَاب! اٿ! اي مٽي وارا! اٿ! اي مٽي وارا! (بخاري ج 1 ص 169 حديث: 441)

حضرت سيِّدُنا سهل بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بيان آهي ته حضرت سيِّدُنا علي المرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن کي سيني نالن ۾ وڌيڪ محبوب اَبُوتُرَاب هو ۽ جڏهن انهن کي اَبُوتُرَاب چئي سڏيو ويندو هو ته ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. (بخاري ج 4 ص 155 حديث 6204)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابوذر (ماڪوڙين وارا)

شارح بخاري شمس الدّين محمد بن عمر بن احمد سفيري شافعي (المتوفيٰ 956ھ) نقل ڪن ٿا: حضرت سيِّدُنا ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ڪُنيت ابوذر ان جي لاءِ ٿي ته اوهان وٽ ماني رکيل هئي ته اوچتو ان تي ماڪوڙيون ظاهر ٿي ويون، پاڻ ماڪوڙين سميت ماني جو وزن ڪيو ته ان سان ماني جي وزن ۾ ڪو اضافو نه ٿيو. پاڻ ارشاد فرمايائون: انهن ماڪوڙين کي ڏسو! دنيا جي ميزان ۾ انهن جو ڪو اثر ظاهر نه ٿيو ۽ پلڙو ڳرو ناهي ٿيو! ليڪن آخرت جو ميزان وڏو هئڻ جي باوجود هلڪو آهي ۽ هڪ ماڪوڙيءَ جي سبب به وزن وڌي ويندو آهي. ان ڏينهن کان اوهان جي ڪنيت ابوذر رکي وئي. (شرح البخاري للسفيري ج 2 ص 44)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڪنيت جي اهمّيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام ۾ ڪنيت جي اهميت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ۞ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سميت ڪيترن ئي انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، گهڻن صحابہ ۽ صحابيات عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان، لاتعداد علماء، فقهاء، محدثين ۽ بزرگان دين رَحِمَہُمُ اللّٰہُ الْمُبِین ڪنيت ڪي اختيار فرمايو. ۞ بيان ڪيل شخصيتن مان ڪثير تعداد نہ رڳو هڪ پر ٻن ٻن ڪان وڌيڪ ڪنيتون بہ رکيون. ۞ ڪيترن صحابہ ڪرام، صحابيات ۽ بزرگان دين جا اصل نالا عام مسلمانن کي معلوم ئي ناهن ۽ اهي حضرات نالي جي بدران پنهنجي ڪنيتن سان مشهور آهن. مثال طور حضرت سيِّدُنا ابوبڪر (عبدالله بن عثمان)، حضرت سيِّدُنا ابوهريره (عبدالرحمٰن)، حضرت سيِّدُنا ابوايوب انصاري (خالد بن زيد)، حضرت سيِّدُنا امام اعظم ابوحنيفہ (نُعمان بن ثابت)، حضرت سيِّدُنا امام ابوداوٗد (سليمان بن اَشْعَث) وغيره رِضْوَانُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اولاد نہ هئڻ جي صورت ۾ ڪنيت رکڻ

جيتوڻيڪ مشهور اهو آهي تہ جنهن جو اولاد هجي اهوئي ڪنيت رکي ليڪن اولاد نہ هئڻ جي صورت ۾ بہ ڪنيت رکي سگهجي ٿي. رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙن صحابن کي بہ ڪنيت عطا فرمائي جن کي ان وقت اولاد نہ هو. حضرت حمزه بن صُهيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرت حمزه

بن صُهيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي فرمايو: ڇا سبب آهي جو تون پنهنجي ڪنيت ”ابويحيٰ“ رکين ٿو جڏهن تہ توکي اولاد ئي ناهي؟ حضرت حمزه بن صُهيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جواب ڏنو: سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ڪنيت ”ابويحييٰ“ رکي آهي. (سنن ابن ماجہ ج 4 ص 220 حديث: 3738) جڏهن تہ حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي اولاد هئڻ کان پهريان ان جي ڪنيت ”اَبُو عَبۡدِالرَّحۡمٰن“ رکي.

(عمدة القاري ج 15 ص 323)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي پٽن جي ڪنيت رکو

پنهنجي ننڍن پٽن جي بہ ڪنيت رکڻ گهرجي. حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: بَادِرُوۡا بِاَبۡنَاۤئِكُمُ الۡكُنٰى لَا تَلۡزَمُهَا الۡاَلۡقَاب يعني پنهنجي ٻارن جي ڪنيت رکڻ ۾ جلدي ڪريو، متان انهن جا (بُرا) لقب نہ پئجي وڃن.

(ڪنزالعمال ج 8 ص 176 حديث 45222)

انهيءَ روايت جي تحت حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰہِ الۡقَوِی جيڪو ڪجهہ ارشاد فرمايو ان جو خلاصو پيش ڪريان ٿو: انهيءَ روايت ۾ ان ڳالهہ جي ترغيب ڏياري وئي آهي جو پنهنجي ٻارن جي لاءِ ننڍپڻ ۾ ئي ڪا سٺي ڪنيت رکي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ئي نالو ڪيترن ئي ماڻهن ۾ مشترڪ هوندو آهي ۽ ان صورت ۾ ماڻهو اهڙي شخص کي سڃاڻڻ جي لاءِ ڪو نہ ڪو لقب رکي ڇڏيندا آهن جيڪو اڪثر برو هوندو آهي. ٻار جي ڪنيت رکڻ جو فائدو هي آهي تہ جڏهن اهو وڏو ٿيندو تہ اها

ڪنيت ان ڪي سڏڻ ۽ پڪارڻ جي لاءِ استعمال ٿيندي ۽ ڪو ان جو برو لقب نہ رکندو. (فيض القدير ج 3 ص 251 تحت الحديث 3116)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنيت ياد ڪرڻ جي برڪت

حضرت سيِّدُنا خِضَر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڪنيت ”اَبُو العَبّاس“ نالو ”بَليا“، والد جو نالو ”مَلْڪان“ جڏهن تہ لقب ”خِضَر“ آهي جنهن جي معنٰي آهي سر سبز. حضرت سيِّدُنا خِضَر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جتي تشريف فرما ٿيندا هئا اتي اوهان جي برڪت سان سائو گاهہ ڦٽي پوندو هو ان جي لاءِ ماٺهو اوهان ڪي خضر چوڻ لڳا.

ڪجهہ عارفن فرمايو آهي تہ جيڪو مسلمان حضرت سيِّدُنا خِضَر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ۽ ان جي والد جو نالو، سندن ڪنيت ۽ لقب (يعني ابوالعباس بليا بن ملڪان الخضر) ياد رکندو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو.

(صاوي ج 4 ص 1207 پ 15 الڪهف: 65)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنيت شريعت جي مطابق هئڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ مسلمان جي لاءِ زندگي جي ٻين معاملن وانگر ڪنيت رکڻ ۾ بہ شريعت جو لحاظ رکڻ ضروري آهي ڇوتہ ڪي ڪنيتون اهڙيون بہ آهن جيڪي شرعًا ممنوع آهن. جيئن تہ اسان جا مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترائي نالا تبديل فرمايا اهڙي طرح ڪجهہ ڪنيتن ڪي بہ تبديل ڪيو. حضرت

سيدنا هاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ جڏهن اهي پنهنجي قوم سان گڏ رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ ماڻهن کان ٻڌائون تہ اهي انهن کي اَبُوالۡحَڪَم چئي سڏي رهيا آهن. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي گهرائي ارشاد فرمايو: بيشڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ئي حَڪَمُ (يعني فيصلي فرمائڻ وارو) آهي توهان جي ڪنيت اَبُوالۡحَڪَم ڇو آهي؟ انهن عرض ڪيو: جڏهن منهنجي قوم جو ڪنهن معاملي ۾ اختلاف ٿي وڃي تہ اهي ماڻهو مون وٽ ايندا آهن ۽ مان جيڪو فيصلو ڪريان اهي ان تي راضي ٿي ويندا آهن. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو تمام سنو آهي، ڇا توهان جو ڪو پٽ آهي؟ عرض ڪرڻ لڳا: شُرَيۡح، مُسۡلِم ۽ عبداللّٰه آهن. ارشاد فرمايائون: انهن ۾ وڏو ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: شُرَيۡح. فرمايائون: تہ پوءِ تنهنجي ڪنيت اَبُوۡشُرَيۡح آهي.

(ابوداوٗد ج 4 ص 376 رقم: 4955)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وڏي پٽ يا ڌيءُ جي نالي تي ڪنيت اختيار ڪرڻ بهتر آهي

شرح السنّہ ۾ آهي: بهتر هي آهي تہ مرد پنهنجي وڏي پٽ جي نسبت سان ڪنيت رکي، جيڪڏهن پٽ نہ هجي تہ وڏي ڌيءُ جي نسبت سان. ائين عورت کي گهرجي تہ پنهنجي وڏي پٽ جي نسبت سان ڪنيت رکي، جيڪڏهن پٽ نہ هجي تہ وڏي ڌيءُ جي نسبت سان. (شرح السنہ ج 6 ص 394) ننڍي پٽ يا ڌي جي نالي سان ڪنيت اختيار ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت سيّدُنا آدم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڪنيت

حضرت سيِّدُنا آدم عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي هڪ ڪنيت "ابومحمد" آهي، ان جو سبب بيان ڪندي اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نقل فرمائن ٿا: امام قسطلاني "مواهب لدنيہ و منح محمديہ" ۾ رسالي ميلاد ۽ امام علامہ ابن طُغرُبَڪ کان ناقل ، مروي ٿيو: آدم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: الٰهي! تو منهنجي ڪنيت ابومحمد ڇا جي لاءِ رکي؟ حڪم ٿيو: اي آدم! پنهنجو متو مٿي ڪر. آدم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مٿو ڪنيو عرش ۾ محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نور نظر آيو. عرض ڪيائين: الٰهي! اهو نور ڇا آهي؟ فرمايو: هٰذَا نُوْرُ نَبِيٍّ مِّنْ ذُرِّيَّتِكَ اِسْمُهٗ فِي السَّمَاءِ اَحْمَدُ وَفِي الْاَرْضِ مُحَمَّدٌ لَوْلَاهُ مَاخَلَقْتُكَ وَلَاخَلَقْتُ سَمَاءً وَّلَا اَرْضًا اهو نور هڪ نبي جو آهي تنهنجي اولاد مان، ان جو نالو آسمان ۾ احمد آهي ۽ زمين ۾ محمد، جيڪڏهن اهي نہ هجن ها تہ مان توکي پيدا نہ ڪيان ها، نہ ئي آسمان ۽ زمين پيدا ڪيان ها.

(المواهب اللدنيہ ج 1 ص 35، فتاوٰي رضويہ ج 30 ص 194)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنيت عطا فرمائيندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙي طرح ڪيترن مدني منن جا نالا رکيا اهڙي طرح ڪيترن خوشنصيبن کي ڪنيت بہ عطا فرمائي. حضرت سيِّدَتُنا حبيبہ بنت اَسْعَد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو بيان آهي تہ جڏهن مون کي پٽ پيدا ٿيو تہ ان کي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ کڻي وڃي عرض

کيم: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هن جو نالو رکو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سهل نالو رکيو ۽ ابواُمامہ ڪنيت عطا فرمائي. (الطبقات الکبريٰ لابن سعد ج 8 ص 324 رقم: 4583)

## حضرت سيِّدُنا عثمان غني کي ڪنيت عطا فرمائي

حضرت سيِّدتنا اُمّ عَيَّاش رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان مروي آهي، الله عَزَّوَجَل جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهزادي حضرت سيِّدَتُنا رُقيّہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جن کي پٽ پيدا ٿيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻار جو نالو عبدالله رکيو ۽ ٻار جي والد حضرت سيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪنيت ابو عبدالله مقرر ڪئي. (اسد الغابة ج 3 ص 341 رقم: 3065)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عورت بہ پنهنجي ڪنيت رکي

اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي سرتاج محبوب ربُّ العِباد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کان سواءِ پنهنجي سيني ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُن جي ڪُنيت رکي آهي. رسول اڪرم، نور مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تون ”اُمِّ عبدُالله“ آهين.

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 221 حديث: 3739)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مديني جي پهرين ٻار جي والد جي ڪنيت

حضرت سيِّدُنا عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ مشهور قديم الاسلام صحابي حضرت سيِّدُنا خَبَّاب بن اَرَت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا صاحبزاده آهن. مروي

آهي تہ هجرت ڪان پوءِ سڀ ڪان پهريان حضرت سيِّدُنا عبداللّٰه بن زبير ۽ حضرت سيِّدُنا عبداللّٰه بن خَبّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا پيدا ٿيا. سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن نالو عبدُاللّٰه رکيو ۽ خَبّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ابوعبدُاللّٰه ڪنيت عطا فرمائي. (الاستيعاب ج 3 ص 894 رقم: 1519 والاصابة ج 4 ص 64 رقم: 3666)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڌيءُ جي نالي تي بہ ڪُنيت رکي سگهجي ٿي

جيتوڻيڪ معروف اهوئي آهي تہ عام طور تي پٽ جي نالي تي ڪنيت رکي ويندي آهي پر جيڪڏهن ڪو ڌيءُ جي نالي تي ڪنيت رکڻ چاهي تہ نہ رڳو جائز بلڪ حديث مان ثابت آهي. حضرت سيِّدُنا ابومريم (نذير) رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو بيان آهي تہ مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اڄ رات مون کي ڌيءُ پيدا ٿي آهي. حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اڄ رات مون تي سوره مريم نازل ٿي آهي پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي ڌي جو نالو مريم رکيو ۽ منهنجي ڪنيت ابومريم رکي. (اسد الغابة ج 6 ص 300 رقم: 6240)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امير اهلسنت ۽ ڪنيت

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! هن صدي جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ اهڙي بزرگ هستي آهن

جيڪي لکين مسلمانن جي لاءِ مرجع عقيدت آهن. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ ڪنيت ڏيڻ جي اداءِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ادا ڪندي دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ فارغ التحصيل انهن مدني اسلامي ڀائرن کي جن 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي هجي انهن کي ڪنيتون عطا فرمائيندا آهن.

ان کان سواءِ بہ گهڻن اسلامي ڀائرن کي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪنيتون عطا ڪيون جن مان 76 درج ڪيون پيون وڃن.

۞ اَبُوإخلَاص ۞ اَبُوْ اِسْمَاعِيل ۞ اَبُواُسَيد ۞ اَبُواِشْفَاق ۞ اَبُوْ اَكْبَر ۞ اَبُواَكْمَل ۞ اَبُوالْاَشْرَاف ۞ اَبُوالْاَنْوَار ۞ اَبُوالِايمَان ۞ اَبُوالْبِنْتَين ۞ اَبُوالْحَسَن ۞ اَبُوالْحَسَنَين ۞ اَبُو الْخِيار ۞ اَبُوالْعَطَاء ۞ اَبُوالنُّور ۞ اَبُوالْوَفَاء ۞ اَبُوانْعَام ۞ اَبُواَنْوَارِالْمَدِينَه ۞ اَبُوْ اَنْوَر ۞ اَبُوبِلَال ۞ اَبُوثَوْبَان ۞ اَبُوجَمَال ۞ اَبُوجُنَيد ۞ اَبُوحَاشِر ۞ اَبُوحَامِد ۞ اَبُوحَمَّاد ۞ اَبُوْ خَلِيل ۞ اَبُوراشِد ۞ اَبُورِضا ۞ اَبُورَجَب ۞ اَبُوْزاهد ۞ اَبُوزِياد ۞ اَبُوْ سائِل ۞ اَبُوسَجَّاد ۞ اَبُوسَعِيد ۞ اَبُوْ سَلْمَان ۞ اَبُوشاهد ۞ اَبُوشَرَافَت ۞ اَبُوشَعْبَان ۞ اَبُوشَفِيق ۞ اَبُوشَهِير ۞ اَبُوْ صَابِر ۞ اَبُوصَادِق ۞ اَبُوصَالِح ۞ اَبُوصَدَاقَت ۞ اَبُوْ طَاهر ۞ اَبُوعَارِف ۞ اَبُوعُبَيد ۞ اَبُوْ عَتِيق ۞ اَبُوعُزَير ۞ اَبُوعَفِيف ۞ اَبُوعَقِيل ۞ اَبُوعَلِي ۞ اَبُوْعُمَر ۞ اَبُوغُفْرَان ۞ اَبُوفَرَاز ۞ اَبُوْ فَيَاض ۞ اَبُوكَرَم ۞ اَبُوكَلِيم ۞ اَبُوكُمَيل ۞ اَبُومَاجِد ۞ اَبُومُبِين ۞ اَبُوْمُحَمَّد ۞ اَبُومَدَنِي ۞ اَبُومَسْعُوْد ۞ اَبُومَنْصُوْر ۞ اَبُومُوْسي ۞ اَبُومِيلَاد ۞ اَبُونَاصِر ۞ اَبُونُعْمَان ۞ اَبُونَعِيم ۞ اَبُووَاجِد ۞ اَبُووَاصِف ۞ اَبُوهلَال ۞ اَبُوياسِر ۞ اَبُويُوسُف.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنيت جي سنت کي زنده ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنيت رکڻ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنّت آهي پر اڄڪلھ ٻين ڪيترين ئي سنتن وانگر هي بہ ترڪ ٿيندي پئي وڃي. اچو! اداءِ سنّت جي نيّت سان ڪنيت کي اختيار ڪريون، جيڪڏهن اوهان صاحب اولاد آهيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي هڪ کان وڌيڪ مدني مُنّن يا مُنّين سان نوازيو آهي تہ بهتر هي آهي تہ پنهنجي وڏي پٽ جي نسبت سان ڪنيت اختيار ڪن جيڪڏهن پٽ نہ هجي تہ ڌي جي نسبت سان ڪنيت رکو، اولاد هوندي کنهن ٻئي نالي سان ڪنيت رکڻ بہ درست آهي ۽ جيڪڏهن شادي شده يا صاحبِ اولاد ناهيو تڏهن بہ ڪنيت رکي سگهجي ٿي جيئن پهريان ذڪر ٿي چڪو آهي.

انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ ٻين بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جون ڪنيتون هن ڪتاب جي صفحہ 138 تي موجود آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن ڪنهن جو نالو ياد نہ هجي تہ ڪيئن سڏيندا؟

حضرت سيِّدُنا جاريہ انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ بيان ڪن ٿا: سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن ڪنهن جو نالو ياد نہ هوندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ”يَا اِبۡنَ عَبۡدِاللّٰه يعني اي عبدالله جا پٽ!“ چئي ڪري سڏيندا هئا. (جمع الجوامع ج 5 ص 449 حديث 16418)

امام شرف الدّين نووي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللهِ القَوِی لکن ٿا: جنهن جو نالو معلوم نہ هجي ان کي اهڙن لفظن سان سڏڻ گهرجي جنهن سان ان کي تڪليف نہ ٿئي، ان ۾ ڪوڙ نہ هجي ۽ نہ ئي خوشامد مثال طور: اي ڀاءُ، اي منهنجا سردار، اي فلان، اي فلان ڪپڙي وارا، اي فلان جُتيءَ وارا، اي گهوڙي وارا، اي اُٺ وارا، اي تلوار وارا، اي نيزي وارا وغيره اهڙا لفظ جيڪي سڏڻ واري ۽ جنهن کي سڏيو وڃي ٻنهي جي حسبِ حال هجن. (الاذکار، ص 231 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سڏڻ ۽ ياد ڪرڻ جو انداز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمان چاهي اهي اسان مان وڏا هجن يا ننڍا، انهن کي سڏڻ، ياد ڪرڻ ۾ انهن جي مقام ۽ مرتبي جو خيال رکيو وڃي ۽ انهيءَ مناسبت سان لفظن ۽ لقبن جو انتخاب ڪيو وڃي. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: فَلَيْسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَلَمْ يُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا يعني جيڪو اسان جي ننڍن تي شفقت نہ ڪري ۽ اسان جي وڏن جي تعظيم نہ ڪري تہ اهو اسان مان ناهي. (ترمذي ج 3 ص 369 حديث: 1926)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَۃُ الحَنَّان يعني اسان جي جماعت مان يا اسان جي طريقي وارن مان يا اسان جي پيارن مان ناهي يا اسان ان کان بيزار آهيون اهو اسان جي مقبول ماڻهن مان ناهي، هي مطلب ناهي تہ اهو اسان جي امت يا اسان جي ملت مان ناهي ڇوتہ گناهہ سان انسان ڪافر ناهي ٿيندو. (مراۃ المناجيح ج 6 ص 560)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## جنت ۾ مدني آقا ﷺ جي رفاقت حاصل ڪرڻ جو نسخو

حضرت سيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي اَنس! وڏن جو ادب و احترام ۽ تعظيم و توقير ڪريو ۽ ننڍن تي شفقت ڪريو، توهان جنّت ۾ منهنجي رفاقت حاصل ڪندؤ. (شعب الايمان ج 7 ص 458 حديث: 10981)

هڪ مسلمان کي پنهنجي زندگي ۾ جن شخصيات جو ذڪر ڪرڻ ۽ سڏڻ جي ضرورت پوندي آهي انهن کي 11 حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو: (1) سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) بيا انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (3) صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان (4) بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی (5) علماءِ ڪرام ۽ مفتيان عظام (6) ديني استاد (7) سادات ڪرام (8) پوڙها اسلامي ڀائر (9) ماءُ پيءُ (10) رشتيدار (11) هم عمر اسلامي ڀائر. انهن سيني کي پڪارڻ جي تفصيل هي آهي:

## سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پڪارڻ

الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيب لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پڪارڻ، ان جو ذڪر ڪرڻ جو ادب اسان کي قرآن مجيد مان سکڻ لاءِ ملي ٿو: سيپارو 18 سورهءِ نور جي آيت 63 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَا تَجۡعَلُوۡا دُعَآءَ الرَّسُوۡلِ بَيۡنَكُمۡ كَدُعَآءِ بَعۡضِكُمۡ بَعۡضًا ؕ

ترجموڪنزالايمان: رسول جي سڏڻ کي پاڻ ۾ ائين نہ بنايو جئين توهان مان هڪڙو ٻئي کي ڏسي ٿو.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ندا ڪري تہ ادب و تڪريم ۽ توقير و تعظيم سان سندن معظم لقبن سان نرم آواز سان عاجزي پريي لهجي ۾ "يا نبي الله، يا رسول الله، يا حبيب الله" چئي ڪري.

(خزائن العرفان ص 667)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي پڪارڻ جو انداز

صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جڏهن رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هم ڪلام ٿيندا هئا تہ هيئن عرض ڪندا هئا:

۞ فداڪ اَبِيْ وَاُمِّيْ (منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان)

(شعب الايمان ج 7 ص 303 رقم: 10388)

۞ بِاَبِيْ اَنْتَ وَاُمِّيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ (يا رسول الله! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان وڃن) (بخاري ج 1 ص 625 رقم: 1897)

۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڪار جي جواب ۾ چوندا هئا: لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَاَنَا فِدَاؤُكَ (يا رسول الله! اوهان تان قربان وڃان مان، خدمت ۾ حاضر آهيان)

(شعب الايمان ج 6 ص 458 رقم: 8890)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يا رسول الله چونہ چيو؟

صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نہ رڳو خود سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انتهائي ادب سان سڏيندا هئا پر انهن کي تہ هي بہ گوارا نہ هو تہ ڪو انهن جو صرف نالو وٺي حضور

اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ندا ڪري. حضرت سيِّدُنا ثوبان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: يهودي علماء مان هڪ شخص سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ. مون ان کي زور سان ڌِڪو ڏنو جنهن سان اهو ڪرندي ڪرندي بچيو، چوڻ لڳو تو مون کي ڌِڪو ڇو ڏنو آهي؟ مون چيو ان ڪري جو تو يارسول الله ناهي چيو. (مسلم ص 176 رقم: 315)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعلٰي حضرت جو انداز

منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هڪ سوال جو جواب ڏيندي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا لقب هيئن لکيا:

حضورِ اقدس قاسِمُ النِّعَم، مالِکُ الْاَرْض ورِقَابِ الْاُمَم، مُعْطِي، مُنْعِم، قُثَم، قيم، وَلِي، وَالِي، عَلِي، عَالِي، کاشِفُ الْکَرْب، رَافِعُ الرُّتَب، مُعِين کافِي، حَفِيظِ وَافِي، شَفِيع شَافِي، عَفُوّ عَافِي، غَفُور جَمِيل، عَزِيز جَلِيل، وَهاب کريم، غَنِي عظيم، خَلِيفهٔ مُطْلَق حَضْرَتِ رَبّ، مَالِکُ النَّاسِ ودَيانُ الْعَرَب، وَلِي الْفَضْل جَلِي الْاَفْضَال، رَفِيعُ الْمِثْل، مُمْتَنِعُ الْاَمْثَال صلّي الله تعالٰي عليه وسلم وآله وصحبه.

(فتاوٰي رضويه ج 14 ص 626)

## امير اهلسنت جو معمول

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

جو تذڪرو ڪندا آهن تہ هڪ هڪ لفظ مان ادب و احترام نظر ايندو آهي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عام طور تي هم قافيہ لقبن سان پياري پياري مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر مبارڪ ڪندا آهن مثال طور: ۞ سرڪارِ مدينہ، سلطان باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ سرورِ ڪائنات، شاه موجودات، محبوب رب الارض والسمٰوٰت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ سرڪار دوعالم، نور مجسّم، شاه بني آدم، رسول محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ رسول بيمثال، صاحب جود و نوال، حبيب ربّ ذوالجلال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ رسول نذير، سراج منير، محبوب ربّ قدير صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ سرڪارِ ابدقرار، شافع روزشمار، باذن پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پڪارڻ

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مخلوق مان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سڀ کان افضل آهن ايتري قدر جو ڪنهن غير نبي کي ڪنهن نبي کان افضل يا برابر چوي، ڪافر آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 47) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو تذڪرو ڪندي بہ ادب و احترام جو خيال رکڻ گهڻو ضروري آهي، مثال طور: نالو ذڪر ڪرڻ کان پهريان "حضرت سيِّدُنا" جڏهن تہ نالي کان بعد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (يعني اسان جي نبي ۽ ان تي درود و سلام هجن) چوڻ ۽ لکڻ گهرجي. مختلف انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جا جيڪي

خاص لقب آهن انهن جي نالن سان اهي لقب ذڪر ڪرڻ بہ مناسب آهن. مثال طور حضرت سيِّدُنا آدم صفيُّ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيِّدُنا نوح نجي اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيِّدُنا ابراهيم خليل اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيِّدُنا اسمٰعيل ذبيحُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيِّدُنا موسٰي ڪليم اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيِّدُنا عيسٰي روح اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جڏهن هڪ نبي جو ذڪر هجي تہ عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام، ٻن جو ذڪر هجي تہ عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِمَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ ٻن کان وڌيڪ جو ذڪر خير هجي تہ عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام چوڻ ۽ لکڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي پڪارڻ

انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان پوءِ ملائڪ مرسلين ۽ سادات فرشتگان مقربين ۽ انهن کان پوءِ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان تمام وڏي مرتبي جا حامل آهن ۽ ڪو ولي چاهي ڪيتري ئي بلند مقام تي ڇونہ پهچي وڃي پر صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو هم مرتبو نٿو ٿي سگهي. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 354، 357) فرمان مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: لَا تَسُبُّوْا اَصْحَابِیْ فَلَوْ اَنَّ اَحَدَکُمْ اَنْفَقَ مِثْلَ اُحُدٍ ذَہَبًا مَا بَلَغَ مُدَّ اَحَدِہِمْ وَلَا نَصِیْفَہٗ منهنجي صحابن کي بُرو نہ چئو، جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص اُحُد جبل جيترو سون خرچ ڪري تڏهن بہ ان جي خرچ ڪيل هڪ مُد (هڪ پيمانو) يا نصف مُد جي برابر نہ ٿيندو.

(بخاري ج 2 ص 522 حديث 3673)

www.dawateislami.net

صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مبارڪ نالي ڪان پهريان ”حضرت سيِّدُنا“ ۽ جيڪڏهن صحابيہ هجن تہ ”حضرت سيِّدَتُنا“ جڏهن تہ نالن ڪان پنيان تعداد ۽ جنس جي مناسبت سان دعائيہ ڪلمات جو استعمال ڪرڻ گهرجي. مرد صحابي هڪ هجي تہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ، بہ هجن تہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جڏهن تہ ٻن کان وڌيڪ هجڻ جي صورت ۾ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم صحابيہ خاتون هڪ هجي تہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا، بہ هجن تہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جڏهن تہ ٻن کان وڌيڪ جي لاءِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُنَّ چوڻ ۽ لکڻ گهرجي.

مختلف صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي نالن سان مخصوص لقبن ۽ خطابن جو استعمال بہ عين سعادت آهي مثال طور: حضرت سيِّدُنا ابوبڪر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ صدّيق اڪبر، حضرت سيِّدُنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ فاروق اعظم، حضرت سيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ ذوالنورين، حضرت سيِّدُنا علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ شيرِخدا، حضرت سيِّدُنا خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ سيفُ الله وغيره.

جيتوڻيڪ اسان جي معاشري ۾ عام طور تي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو استعمال صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي لاءِ هوندو آهي جڏهن تہ اولياءِ ڪرام لاءِ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه استعمال ڪيو ويندو آهي پر ياد رکو! شرعي لحاظ کان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو استعمال صحابي ۽ غير صحابي ٻنهي جي لاءِ جائز آهي.

(وڌيڪ تفصيل جي لاءِ ڏسو فتاوٰي رضويہ ج 23 ص 390)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (4) بزرگان دين رَحِمَہُمُ اللّٰہُ الْمُبِیْن کي پڪارڻ

بزرگان دين رَحِمَہُمُ اللّٰہُ الْمُبِیْن جي ذڪر ۾ بہ ادب و احترام جو لحاظ رکڻ ضروري آهي چاهي اهي ظاهري حياتي سان متصف هجن يا دنيا مان پردو ڪري چڪا هجن. نالي کان پهريان ”حضرت سيِّدُنا“ جڏهن تہ نالي کان بعد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ وغيره دعائيہ ڪلمات جو استعمال ڪرڻ گهرجي، ۽ مختلف بزرگان دين جي لاءِ مخصوص لقبن جو لکڻ ۽ ڳالهائڻ بہ عين سعادت آهي مثال طور: حضرت سيِّدُنا امام اعظم ابوحنيفہ نعمان بن ثابت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ قطب ربّاني، محبوب سبحاني، حضرت سيِّدُنا غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی وغيره. جيڪي بزرگان دين حيات هجن انهن جي لاءِ دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ وغيره دعائيہ ڪلمات استعمال ڪرڻ گهرجن. جڏهن هڪ بزرگ جو ذڪر ٿئي تہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ، بہ هجن تہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمَا جڏهن تہ ٻن کان زياده هجڻ جي صورت ۾ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِم، خاتون بزرگ هڪ هجي تہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا، بہ هجن تہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمَا جڏهن تہ ٻن کان زياده جي لاءِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِن چوڻ ۽ لکڻ گهرجي. بزرگن جي نالن سان گڏ دعائيہ ڪلما لکڻ ۾ ياد اچڻ تي هم قافيہ لفظ استعمال ڪرڻ سان تحرير و تقرير ۾ ڪشش پيدا ٿيندي آهي مثال طور حضرت سيِّدُنا علاّمہ شامي سان ”قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی“ ۽ سيدنا شيخ عبدالحق مُحدّث دِهلوي سان ”عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی“

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) علماءِ ڪرام ۽ مفتيان عظام کي پُڪارڻ

علماءِ ڪرام و مفتيان عظام ۽ قابلِ احترام ديني شخصيتن

سان هم ڪلام ٿيڻ ۽ انهن جو تذڪرو ڪرڻ ۾ بہ ادب ۽ احترام جو لحاظ رکڻ تمام ضروري آهي مثال طور هيئن چئي مخاطب ڪريو: حضرت! حضور! جناب وغيره. جنهن شخصيّت جو لقب مشهور هجي ان کي ان لقب سان بہ پڪاري ۽ لکي سگهجي ٿو. جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جو مشهور لقب مبارڪ ”اعليٰ حضرت“ آهي. شهزاده اعليٰ حضرت حضرت علاّمہ مفتي مصطفيٰ رضا خان جو لقب ”مفتي اعظم هند“ مفتي احمد يار خان جو لقب ”حڪيم الامّت“ اهڙي طرح باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو مشهور لقب ”اميرِ اهلسنّت“ آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) ديني استادن کي پڪارڻ

ديني استاد روحاني پيءُ هوندو آهي ان ڪري ان کي بہ تعظيمي انداز سان استادِ محترم، استاد صاحب، يا استاذي چئي پڪارڻ ۽ لکڻ گهرجي. سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: علم حاصل ڪريو ۽ علم جي لاءِ بردباري ۽ وقار سکو، ۽ جنهن کان علم حاصل ڪري رهيا هجو ان جي اڳيان عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪريو.

(المعجم الاوسط ج 4 ص 342 حديث: 6184)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (7) سادات ڪرام کي پڪارڻ

حضرت مولانا نور محمد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الصَّمَد ۽ حضرت مولانا سيد قناعت علي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی اهي ٻئي حضرات، مجدد دين و ملّت، اعلیٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جهڙي سچي عاشق رسول جي صحبت بابرڪت ۾ رهي علمِ دين جي بي بها دولت حاصل ڪري رهيا هئا. هڪ ڀيري مولانا نورمحمد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الصَّمَد سيد سڳوري جو نالو وٺي پڪاريو: ”قناعت علي، قناعت علي!“ جڏهن سيِّدُالسَّادات عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي عاشق صادق جي ڪنن تي اهو آواز پهتو ته پسند نه ڪيائون جو خاندان رسول جي شهزادي کي اهڙي طرح نالو وٺي پڪاريو وڃي. هڪدم مولانا نورمحمد صاحب کي گهرايائون ۽ فرمايائون: ”ڇا سيدزادن کي اهڙي طرح پڪاريو ٿا! ڪڏهن مون کي به اهڙي طرح پڪاريندي ٻڌو آهي؟ (يعني مان ته استاد آهيان تڏهن به ڪڏهن اهڙو انداز ناهي اختيار ڪيو)“ اهو ٻڌي مولانا نورمحمد صاحب ڏاڍا شرمنده ٿيا ۽ ندامت منجهان نگاهون جهڪائي ڇڏيائون. اعلیٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو: ”وڃو! اڳتي خيال رکجو.“ (حياتِ اعلیٰ حضرت ج 1 ص 183)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مديني واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادن کي ادب سان پڪارڻ گهرجي. ڪن علائقن ۾ سيدزادن کي ”شاه صاحب، شاه جي“ جڏهن ته باب المدينه ڪراچي ۾ ڪن ٻين جاين تي ”باپُو“ چئي سڏيو ۽ لکيو ويندو آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (8) پوڙهن اسلامي ڀائرن کي سڏڻ

اسلام هڪ ڪامل ۽ اڪمل دين آهي جيڪو اسان کي بزرگن جو احترام سيکاري ٿو. سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو نوجوان ڪنهن بزرگ جي پيرسن هئڻ جي ڪري ان جي عزت ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ڪنهن کي مقرر ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو ان نوجوان جي پيرسني ۾ ان جي عزت ڪندو.

(ترمذي ج 3 ص 411 حديث: 2029)

پوڙهن کي رواج و عرف جي مطابق عزت سان پڪارڻ گهرجي مثال طور: ڪن علائقن ۾ ”بابا“، ”وڏا“ چئي پڪارڻ رائج آهي. جيڪڏهن ڏاڏو، ڏاڏي يا نانو، ناني حيات هجن تہ انهن کي ڏاڏا سائين، نانا سائين وغيره چئي پڪارڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (9) ماءُ پيءُ کي پڪارڻ

والدين جو احترام ڪرڻ، انهن کي عزت سان پڪارڻ ٻنهي جهانن ۾ تمام گهڻيون ڀلايون حاصل ڪرڻ جو سبب آهي. والد صاحب کي موقعي ۽ رواج مطابق بابا سائين ۽ والده صاحبہ کي امڙ سائڻ، امڙ جيجل وغيره چئي ڪري پڪارڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (10) رشتيدارن کي پڪارڻ

رشتيدار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪ اهي جيڪي عمر ۾ اسان کان وڏا آهن ۽ ٻيا اهي جن جي عمر اسان کان گهٽ آهي. وڏن

رشتيدارن کي پڪارڻ جي لاءِ مختلف زبانن ۽ علائقن ۾ مختلف لفظ ۽ انداز رائج آهن. انهن مان جيڪي ادب جي وڏيڪ ويجها ۽ شريعت جي مطابق هجن، سنين سنين نيتن سان انهن کي اختيار ڪرڻ گهرجي. ڪن علائقن ۾ ماما سائين، چاچا سائين، ادا، ادا سائين وغيره ڳالهايو ويندو آهي.

گهٽ عمر وارن رشتيدارن مثال طور: ننڍا ڀاءُ ڀيڻ، ڀاٽيجا، ڀائيٽيا، پڻ پنهنجي اولاد سان گفتگو ۽ انهن کي پڪارڻ وقت شفقت ڀريي ۽ مهذّب انداز ۾ ”توهان، جناب“ سان ڳالهه ڪرڻ نہ رڳو ڳالهه ڪرڻ واري جي شخصيّت جي عڪاسي ٿئي ٿي بلڪ هي انداز ٻارن جي تربيّت ۾ بہ معاون ثابت ٿئي ٿو ڇوتہ ٻار عام طور تي وڏن جي اقوال ۽ افعال مان اثر وٺندا ۽ نقل ڪندا آهن. انهيءَ باري ۾ اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو طرز عمل ڪهڙو هو، هن روايت مان اندازو لڳايو. حضرت سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي پٽ! (مسلم ص 1185 رقم: 2151)

## زال مڙس جو هڪ ٻئي کي پڪارڻ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 1195 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت (جلد 3)“ جي صفحي 657 تي آهي: عورت کي هي مڪروه آهي تہ مڙس جو نالو وٺي سڏي. (درمختار ج 9 ص 690) ڪن جاهلن ۾ هي مشهور آهي تہ عورت جيڪڏهن مڙس جو نالو وٺي تہ نڪاح ٽٽي پوندو آهي.

اهو غلط آهي شايد ان ڪي انهيءَ لاءِ گهڙيو هجي تہ هن ڏپ ڪان طلاق تي ويندي مڙس جو نالو نہ وٺندي. (بهار شريعت ج 3 ص 657)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پهرين زماني جون عورتون تہ ايتري قدر حيادار هيون جو پنهنجي مڙس جو نالو وٺندي ڪيٻائينديون هيون ۽ مُنّي جا بابا چئي ڪري سڏينديون هيون. پر هاڻي اهي بنا تڪلّف جي "منهنجو مڙس" "منهنجو مڙس" "منهنجو هزبينڊ" (Husband) چونديون آهن. ۽ مرد بہ منهنجي ٻارن جي ماءُ وغيره چوڻ بدران "منهنجي گهرواري" "منهنجي وائف" چوندا آهن. پنهنجي ٻارن جي مامي جو تعارف ڪرائڻ جو ڪافي شوق ڏنو ويو آهي، جيتوڻيڪ اهو ڪزن هجي تڏهن بہ بنا ضرورت صرف "سالو" چئي ڪري تعارف ڪرائيندا آهن. گهٽو ڪري نفس خوش ڪرڻ جي لاءِ ائين ڪيو ويندو هوندو. ڪوشش ڪريو تہ مهذّب لفظ زبان تي اچن، باقي ضرورت طور زال يا مڙس جو رشتو ٻڌائڻ ۾ حرج بہ ناهي. (باحيا نوجوان ص 39)

هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ٻين معاشرتي ۽ اخلاقي پهلوئن سان گڏوگڏ تربيّت جو بہ اهتمام ڪيو ويو آهي. امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل نيڪ ٿيڻ جو نسخو "72 مدني انعامات" مان هڪ مدني انعام انهيءَ باري ۾ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 30 صفحن تي مشتمل رسالي "مدني انعامات" جي صفحي 4 تي مدني انعام نمبر 7 آهي: ڇا توهان اڄ (گهر ۾ ۽ ٻاهر بہ) هر ننڍي وڏي ايتري تائين جو والده (۽ جيڪڏهن ٻار هجن تہ انهن کي ۽ انهن جي ماءُ کي) تون چئي مخاطب ڪيو يا توهان چئي

ڪري؟ ۽ هر هڪ سان گفتگو جي دوران ها چئي ڪري ڳالهايو يا جي چئي ڪري؟ (”توهان“ چوڻ ۽ ”جي“ چوڻ صحيح جواب آهي)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (11) هم عمر اسلامي ڀائرن کي پڪارڻ

الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ

ترجموڪنزالايمان: مسلمان ڀاڻ ۾ ڀائر آهن. (پ 26 الحجرات: 10)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ رهڻ واري مسلمان کي گهرجي ته ان سان اسان جي ڪا واقفيّت يا رشتيداري نه هجي پر مسلمان هئڻ جي ڪري اهو اسان جو اسلامي ڀاءُ آهي تنهن ڪري ان کي پڪاريندي ۽ ان جو تذڪرو ڪندي ان جي نالي سان گڏ ”ڀاءُ“ چوڻ مناسب آهي جهڙي طرح ڀاءُ احمد رضا، حسن ڀاءُ وغيره. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اهوئي طريقيڪار رائج آهي. ناواقف مسلمان کي ڀاءُ چوڻ صرف زبان جي چوٽي تائين محدود نه ٿيڻ گهرجي بلڪ ڪوشش ڪري پنهنجي دل ۾ به ان جي لاءِ ڀائيچاري جا جذبات اجاگر ڪرڻ ۽ ان جي خوشي ۽ غم کي پنهنجو غم ۽ خوشي سمجهڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بنا ضرورت جي به ٽي نالا ملائي نه رکو

پاڪ و هند جي ڪن علائقن ۾ پيءُ جي نالي کي پٽ جو حصو بڻايو ويندو آهي جيئن محمد عارف جُنيد، اهڙي عرف تي عمل ڪرڻ ۾ حرج ناهي پر غير ضروري طور تي ٻن يا ٽن نالن

www.dawateislami.net

تي مشتمل هڪ نالو نہ رکيو وڃي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: ٻن ٻن ٽن ٽن نالن تي مشتمل نالو رکڻ جيئن محمد علي حسين ان جو بہ رواج سَلَف (يعني بزرگن ۾ رواج) ڪڏهن نہ هو سادا هڪ لفظ وارا نالا هوندا هئا. (وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم)

(فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 669)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نالي رکڻ ۾ مذڪر ۽ مؤنث جو بہ خيال رکو

ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪري جو نالو ڇوڪرين وارو ۽ ڇوڪريءَ جو نالو ڇوڪرن وارو رکيو ويندو آهي. نالو اهڙو هجي جنهن کي ٻڌندي ئي معلوم ٿي وڃي تہ اهو ڇوڪريءَ جو نالو آهي يا ڇوڪري جو! مثلاً ڇوڪريءَ جي لاءِ خديجہ ۽ ڇوڪري جي لاءِ قاسم نالو رکيو وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غير مسلمانن لاءِ مخصوص نالو نہ رکو

اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: مسلمان کي منع آهي تہ ڪافرن جو نالو رکي كَمَا صَرَّحُوْا بِهٖ فِي التَّسَمِّي بِيُوْحَنَّا وغيره (جيئن تہ يُوحَنّا نالو رکڻ جي متعلق فقهاءِ تصريح فرمائي آهي) (فتاوٰي رضويہ ج 23 ص 260)

هڪ ٻي جاءِ تي نقل ڪن ٿا: نالن جو هڪ قسم ڪافرن سان خاص آهي جيئن جِرجِس، پُطرُس ۽ يُوحَنّا وغيره. تنهن ڪري اهڙي قسم جا نالا مسلمانن جي لاءِ رکڻ جائز ناهن ڇوتہ ان ۾ ڪافرن سان مشابهت ٿئي ٿي. والله تعالٰي اعلم (ت) (فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 663)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## بُري نالي جو اثر

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ شخص کان ان جو نالو معلوم ڪيو: چوڻ لڳو منهنجو نالو جَمَرَه (چڻنگ) آهي، فرمايائون: ڪنهن جو پٽ؟ چيائين: ابنِ شِهاب (باهه جو شعلو) جو، فرمايائون: ڪن ماڻهن مان آهين؟ چيائين: حُرَقَه (سڙڻ) مان، فرمايائون: تنهنجو وطن ڪٿي آهي؟ چيائين: حَرَّةُ النَّار (باهه جي تپش) ۾، فرمايائون: ان جي ڪهڙي جاءِ تي؟ چيائين: ذاتِ لَظيٰ (شعلي) ۾، فرمايائون: پنهنجي گهر وارن جي خبرچار وٺ سيئي سڙي ويا، تہ ائين ئي ٿيو جيئن حضرت سيِّدُنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو هو (يعني ان جو سمورو خاندان سڙي چڪو هو) (مؤطا امام مالڪ ج 2 ص 454 حديث 1871)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سٺن نالي واري کان ڪم ڪرايو

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن هڪ ڏاچي گهرائي ۽ فرمايو: ان کي ڪير ڏُهندو؟ هڪ شخص عرض ڪيو: مان. (ان کان) پڇيائون: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو: مُرَّةٌ (يعني ڪَڙو) فرمايائون: تون ويهي رهہ. هڪ ٻيو شخص اٿي بيٺو. نالو پڇيائون تہ ان پنهنجو نالو جَمَرَه (يعني ٽانڊو) ٻڌايو، ان کي بہ ويهڻ جي لاءِ فرمايائون. پوءِ حضرت سيِّدُنا يَعِيش غِفاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اٿي بيٺا ۽ نالو پڇڻ تي يعيش (يعني زندگي گذارڻ وارو) پوءِ ارشاد ٿيو: تون ڏاچي کي ڏُهه. (المعجم الڪبير ج 22 ص 277 حديث: 710)

قاضي سليمان بن خلف الباجي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا:

نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بن ماڻهن کي ڏاچي جو کير ڏهڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ يَعِيش نالي شخص کي ان جي اجازت عطا فرمائي ته هي بدشگوني جي باب مان ناهي اهو ته صرف نالي کي سنو يا برو سمجهڻ جي معنٰي ۾ آهي. سنو نالو پسند ڪرڻ ائين آهي جيئن بدصورت عورت تي خوبصورت کي پسند ڪرڻ، ميرن ڪپڙن جي پيٽ ۾ صاف سترن ڪپڙن کي اختيار ڪرڻ، جمعي ۽ عيدن ۾ سني هيئت ۽ عمده خوشبو پسند ڪرڻ ته معلوم ٿيو جو اسلام خوبصورتي جي خلاف ناهي بلڪ اهو ته زينت اختيار ڪرڻ کي جائز قرار ڏئي ٿو ۽ نالن وغيره ۾ عمدگي کي پسند ڪري ٿو. (المنتقٰي شرح مؤطا امام مالڪ ج 9 ص 457 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نالو تبديل ڪري ڇڏيندا هئا

گهڻين حديثن مان ثابت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيترائي نالا تبديل فرمايا. حضرت سيِّدُنا عُتبه بن عبد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بيان ڪن ٿا: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ جڏهن ڪو شخص ايندو هو جنهن جو نالو اوهان کي ناپسند هوندو هو، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (جمع الجوامع ج 5 ص 421 حديث 16151)

عظيم محدِّث حضرت امام ابوداؤد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بيان ڪن ٿا: سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عَاص (گنهگار)، عَزِيز (غالب، طاقتور)، عَتَلَہ (شدّت ۽ سختي)، شيطان (هلاڪ ٿيڻ وارو، پلائي ڪان پري)، حَڪَم (دائمي حڪومت وارو)، غُراب (ڪانو، پري

نڪري وڃڻ وارو) ۽ حُباب (شيطان جو نالو، نانگ جو هڪ قسم) جا نالا تبديل فرمايا. شِهاب (باھ جو شعلو) جو نالو هِشام (سخاوت)، حَرْب (جنگ) جو نالو سَلْم (صلح) ۽ مُضطَجِع (سمهڻ وارو) جو نالو مُنْبَعِث (اٿڻ وارو) رکيو. (ابوداود ج 4 ص 376 تحت الحديث 4956)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يارخان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انهيءَ حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: چوٿو عَاص مُخَفَّف آهي عاصي جو، جنهن جي معنٰي آهي گنهگار، اطاعتِ الٰهي کان الڳ، اهو مؤمن جو شان ناهي، مؤمن اطاعت شعار هوندو آهي. عَتَلَه ورتل آهي عَتَلّ جنهن جي معنٰي آهي سختي، شدّت. ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

عُتُلٍّ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ﴿۱۳﴾ (پ 29 القلم 13)

ترجموڪنزالايمان: بد خوف ان کان وڌيڪ هي تہ سندس اصل ۾ رولو.

هاٽي هڪ مضبوط اوزار کي عَتَلَه چوندا آهن جنهن سان پٽ وغيره کي کوٽيو وڃي (يعني ڪوڏر) مسلمان سخت ناهي ٿيندو ۽ عَزِيْز اَسماءِ الٰهيہ مان آهي، عزت مان ورتل آهي، مسلمان ۾ عاجزي ۽ انڪساري هئڻ گهرجي. شيطان ابليس جو لقب آهي، شَيْط مان ورتل آهي جنهن جي معنٰي آهي سڙڻ، هلاڪ ٿيڻ يا شَطَن مان جنهن جي معنٰي آهي پلائي کان دوري. حَڪَم صفت مشبهہ حڪومت يا حُڪْم جي معنٰي آهي دائمي حڪومت وارو، هي ربّ تعاليٰ جي صفت آهي. غُراب ورتل آهي غُرَب مان جنهن جي معنيٰ آهي دوري، اهو ڪانوَ جو نالو آهي جو اهو گهٽو پري تائين نڪري ويندو آهي. حُبَاب شيطان جو نالو بہ آهي ۽ هڪ قسم جي نانگ کي بہ چوندا آهن تنهن ڪري اهو نالو منحوس آهي ۽ شِهاب باھ جي

شعلي کي بہ چوندا آهن ۽ ڪِرندڙ تاري کي بہ جنهن سان شيطان کي بہ ماريو ويندو آهي پر ”مرقات“ ۾ آهي تہ جيڪڏهن شهاب کي دين جي طرف مضاف ڪيو وڃي ۽ نالو هجي شِهَابُ الدِّين تہ ڪراهت قطعًا ناهي بنا ڪراهت جي جائز آهي. (مرقاة ج 8 ص 530) چو تہ هاڻي اها فاسد معنٰي نڪري وئي، معنٰي ٿي چمڪدار، تنهن ڪري ڪراهت نہ رهي. (مرأة المناجيح ج 6 ص 421)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## برو نالو تبديل ڪري ڇڏيندا هئا

اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُري نالي کي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (ترمذي ج 4 ص 382 حديث: 2848)

مفسّر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انسانن جا، جانورن جا پر شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا بدلائي سٺا نالا رکندا هئا. جيئن تہ هڪ شخص جو نالو ”اَسْوَد (يعني ڪارو)“ هو، حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جو نالو اَبْيَض (يعني سفيد) رکيو. مدينہ منوره جو نالو يَثْرَب (ويران جاءِ، ڪندن واري زمين) هو، حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو مدينہ (جمع ٿيڻ جي جاءِ)، طَيِّبَہ (بهتر مٽيءَ وارو شهر، آفتن کان محفوظ شهر)، اَبْطَح (ڪشاده جاءِ جتان سيلاب جو پاڻي گذرندو هجي) بَطْحَہ (ڪشاده زمين) وغيره رکيا. ڪافرن جي لاءِ برعڪس عمل هو، جيئن تہ ”اَبُوالْحَڪَم“ (دانائيءَ وارو) نالو

هو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”ابوجَهل“ (جهالت وارو) رکيو.

(مرأة المناجيح ج 6 ص 420)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اهي نالا جيڪي سرڪارِ مدينہ ﷺ تبديل فرمايا

(1) هڪ صحابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا جن جي چهري تي زخم جا نشان هئا، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان نالو پڇيو، انهن عرض ڪيو: مُنْذِر (ڊيڄارڻ وارو). فرمايائون: تون اَشَج (زخمي پيشاني وارو) آهين. (اسد الغابة ج 2 ص 89 رقم: 1297)

(2) حضرت سيِّدُنا بشير بن خصاصِيَّة رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نالو ”زَحْم“ (رڪاوٽ وجهڻ وارو) هو، بشير (خوشخبري ڏيڻ وارو) نالو رکيائون.

(اسد الغابة ج 1 ص 289 رقم 455)

(3) حضرت سيِّدُنا سِراج رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نالو فَتْح (ڪاميابي) هو، بدلائي سِراج (ڏيئو) رکيائون. (الاستيعاب ج 2 ص 242 رقم: 1136)

(4) هڪ صحابي جو نالو پهريان ”اَسْوَد (ڪاري رنگ وارو)“ هو، بدلائي اَبْيَض (سفيد رنگ وارو) رکيائون. (جمع الجوامع ج 14 ص 439 حديث: 11343)

(5) حضرت سيِّدُنا ابواليمان بشر يا بشير بن عقربہ جُهَنِّي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي والد سان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، نالو پڇيائون تہ عرض ڪيائون: بَحِيَر (علم، گهڻي مال وارو). فرمايائون: نہ بلڪ تنهنجو نالو بشير (خوشخبري ڏيڻ وارو) آهي. (الاصابة ج 1 ص 434 رقم: 671)

(6) حضرت سيِّدُنا ابوعِصام بشير حارثي ڪعبي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نالو اَڪْبر (سڀ کان وڏو) هو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تون بشير (خوشخبري ڏيڻ وارو) آهين.

(اسد الغابة ج 1 ص 288 رقم: 454)

www.dawateislami.net

(7) حضرت سيِّدُنا بَڪَّر بن جَبَلہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو پهريان عبد عَمۡرو (عمرو جو ٻانهو) هو، رسول اڪرم، نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سندن نالو بَڪَّر رکيو. (جمع الجوامع ج 14 ص 155)

(8) حضرت سيِّدُنا بَڪَّر بِن حَبِيب حنفي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو پهريون نالو بَرۡبَرَ (فضول ڳالهيون ڪرڻ وارو) هو، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن بَرۡبَرَ کان بدلائي بَڪَّر رکيو. (الاصابة ج 1 ص 453 رقم: 726)

(9) حضرت سيِّدُنا حَبيب بن حبيب بن مَرۡوَان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وفد طور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو نالو پڇيو، انهن عرض ڪيو: بَغِيّض (لائق نفرت) حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تون حَبِيّب (لائق محبت، دوست) آهين. ان کان پوءِ ان کي حبيب چيو ويندو هو. (اسد الغابة ج 1 ص 300 رقم: 481)

(10) حضرت سيِّدُنا ذُؤَيب بن شَعۡثَن/شعثم تميمي عَنۡبرِيّ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن جو نالو پڇيو: انهن عرض ڪيو: اَلۡكُلَاح (بدمزاج) نبي ڪريم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو نالو ”ذُؤَيّب“ (وارن وارو) آهي. انهن جا ڏگها وار هئا. (اسد الغابة ج 2 ص 218 رقم: 1566)

(11) حضرت سيِّدُنا ابواثيله راشد بن حَفۡص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو ظالم (ظلم ڪرڻ وارو) هو، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم راشد (هدايت وارو) نالو رکيو. (اسد الغابة ج 2 ص 220-221 رقم: 1569)

(12) حضرت سيِّدُنا راشد بن شِهاب بن عَمۡرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو قرضاب (کائڻ ۾ حريص) هو، مُحسنِ انسانيّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

انهن جو نالو راشد (هدايت وارو) رکيو. (اسد الغابة ج 2 ص 221 رقم: 1570)

(13) حضرت سيِّدُنا ابو مُڪَنِف زيد الخير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو ”زيد الخيل“ (وڏائي، خودپسندي ۾ وڌڻ وارو) مان بدلائي ”زيدالخير“ (ڀلائي ۽ نيڪي ۾ وڌڻ وارو) رکيو. (الاستيعاب ج 2 ص 127 رقم: 866)

(14) حضرت سيِّدُنا سَعد بن قيس عَنَزِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائون: سعدالخيل (گهوڙن ۾ برڪت وارو) فرمايو: بلڪ تون سعدالخير (نيڪي ۾ برڪت وارو) آهين. (الاصابة ج 3 ص 60 رقم: 3199)

(15) ابوداؤد شريف ۾ آهي هڪ شخص جو نالو حرب (جنگ) هو، سرڪار والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو نالو سَلْم (امن) رکيو. (ابوداؤد ج 4 ص 376 حديث: 4956)

(16) غزوه خندق جي موقعي تي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خندق جي کوٽائي ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏي، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ انهن سان ڪم ۾ شامل رهيا، انهن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ جُعَيْل (بدصورت ۽ ڪارو ماڻهو) نالي هڪ شخص هو، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو نالو ”عَمرو“ رکيو.
(اسد الغابة ج 1 ص 425 رقم: 766)

(17) حضرت سيِّدُنا شريد بن سُويد ثَقَفِيّ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو مالڪ (ملڪيّت وارو) هو، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تبديل ڪري شَريد (ڊوڙي اچڻ وارو) رکيو، بيعت رضوان جي شرڪاء منجهان آهن. (اسد الغابة ج 2 ص 599 رقم: 2430)

(18) حضرت سيِّدُنا ابوعبدالله ڪَثِيْر بِن صَلْت بِن مَعْدِيْڪَرِب

ڪِنۡدي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ زماني ۾ پيدا ٿيا، سندن نالو قليل هو، نَبِيِّ مُعَظَّم، رسول مُحتَرَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن نالو ڪثير رکيو.

(اسد الغابة ج 4 ص 485 رقم: 4424)

(19) حضرت سيِّدُنا عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي ڀيڻ اُمِّ عاصم جو نالو عاصِيَہ (نافرمان عورت، گهاتو وڙ) هو، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو جَمِيلہ (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان نيڪين ڪرڻ واري، خوبصورت) رکيو هو. (اسد الغابة ج 4 ص 485 رقم: 4424)

(20) حضرت سيِّدُنا ڪثير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو قليل (ننڍو ۽ ڪمزور جسم وارو ماڻهو) هو، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو ڪثير (وافر، زياده) رکيو. (اسد الغابة ج 4 ص 483 رقم: 4419)

(21) حضرت سيِّدُنا مسلم بن عبداللّٰه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن نالو پڇيو تہ عرض ڪيائون: شِهاب (باهہ جو شعلو) بن خَرُفہ. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (ان جو ۽ ان جي والد جو نالو تبديل ڪيو ۽) ارشاد فرمايائون: تون مسلم بن عبداللّٰه آهين. (اسد الغابة ج 2 ص 610 رقم: 2453)

(22) حضرت سيِّدُنا مُطِيع بن اسد بن حارثہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو عاص (نافرمان) هو، سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو نالو مُطِيع (فرمانبردار) رکيو. (مسند امام احمد ج 5 ص 253 حديث 15408)

(23) حضرت سيِّدُنا ابنِ عبّاس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ هڪ شخص آيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ اهي چوڻ لڳا: نَڪِرَہ (اجنبي). پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بلڪ تون معروف (مشهور) آهين. (الاصابة ج 6 ص 142 رقم: 8152)

(24) حضرت سيِّدُنا مُهاجِر بن اَبُواُمَيَّه بن مُغِيرَه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ صحابي آهن، اُمّ المؤمنين حضرت سيّدتُنا اُمّ سلمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جا سڳا ڀائر هئا، سندن نالو وليد (هيئنر پيدا ٿيل، نوڪر) هو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو نالو ناپسند فرمايو ۽ ان جو نالو مُهَاجِر (هجرت ڪرڻ وارو) رکيو. (اسد الغابة ج 5 ص 292 رقم: 5127)

(25) حضرت سيِّدُنا عبدالعزيز بن بدر بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ صحابي آهن، نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پنهنجي قوم جا قاصد بڻجي آيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: عبدُالعُزّيٰ (عزيٰ "ڪافرن جي بت جو نالو" جو ٻانهو) سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن نالو بدلائي "عبدالعزيز" (غالب ۽ طاقتور جو ٻانهو) رکيو.
(الاستيعاب ج 3 ص 127 رقم: 1719)

(26) حضرت سيِّدُنا ابوالمطرف سليمان بن صرد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو اسلام کان پهريان يَسَار (خوشحالي، ڪشادگي) هو، رسول اڪرم، نور مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو نالو سليمان رکيو. (الاستيعاب ج 2 ص 210 رقم: 1061)

(27) حضرت سيِّدَتُنا حَسَّانَه مُزَنِيَّه جو نالو جَثَّامه (سُستَ ۽ ڪاهل) هو، پاڻ اُمُّ المُؤمنين حضرت سيِّدَتُنا خديجة الكُبْرٰي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جون سهيليون هيون، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حَسَّانَه (تمام حسين و جميل) نالو عطا فرمايو. (اسد الغابة ج 7 ص 73 رقم: 6842)

(28) حضرت سيِّدَتُنا عُنَقُودَه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو نالو عِنَبہ (انگور) هو، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن نالو "عُنَقُودَه" رکيو.
(اسد الغابة ج 7 ص 226 رقم: 7147)

(29) حضرت سيّدَتُنا مُطِيّعَه بنت نُعْمَان بن مَالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو نالو عاصِيه (نافرمان) هو، رسول اڪرم، نورِ مجسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن نالو ”مُطِيعَه“ (فرمانبردار) رکيو.

(الطبقات الکبريٰ لابن سعد ج 8 ص 264 رقم: 4386)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اڃا تائين سختي موجود آهي

نالو شخصيت تي اثرانداز ٿيندو آهي. حضرت سيدنا سعيد بن مسيّب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ منهنجو ڏاڏو رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيو، سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيو: اوهان جو نالو ڇا آهي؟ انهن چيو: حَزْن. فرمايائون: توهان سهل آهيو. انهن جواب ڏنو جيڪو نالو منهنجي پيءُ رکيو آهي ان کي نہ بدليندس. حضرت سيدنا سعيد بن مسيّب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا: ان جو اهو نتيجو نڪتو جو اسان ۾ اڃا تائين سختي موجود آهي. (بخاري ج 4 ص 153 حديث 6193)

مفسّر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان ان حديث پاڪ جي تحت جيڪا وضاحت فرمائي آهي ان مان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل حاضر آهن: ❁ حزن ”ح“ جي فتحہ سان سخت زمين ۽ سخت دل انسان. حزن ”ح“ جي پيش سان رنج ۽ غم. سهل ”سين“ جي فتحہ ”ه“ جي جزم سان نرم زمين ۽ نرم دل انسان. آساني ۽ نرمي کي بہ سهل چوندا آهن، جيئن تہ حزن جي معنيٰ بهتر نہ هئي ان ڪري پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نالي جي تبديلي جو مشورو ڏنو ❁ خيال رهي تہ اهو حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مشورو هو حڪم نہ هو، ان ڪري

حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪجھ ارشاد نہ فرمايو، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مشورو قبول ڪرڻ مستحب آهي واجب ناهي، ان ڪري انهيءَ عرض تي اعتراض ناهي ۞ حزن (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جا پٽ مسيّب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن، سعيد بن مسيّب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ڏاڍي جو اثر اسان پوٽن تائين باقي رهيو، ان مان خبر پئي تہ برن نالن جو برو اثر ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن هڪ شخص جي غلطيءَ سان پوري خاندان تي اثر ٿيندو آهي. (مراة المناجيح ج 6 ص 424، 425)

مفتي شريف الحق امجدي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي شرح ۾ لکن ٿا: حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نالو تبديل ڪرڻ بطور مستحب هو ۽ نيڪ فال جي ڪري هو، ڪنهن جو نالو رکڻ ۾ لغوي معني جي مناسبت جو لحاظ ناهي هوندو ان واقعي ۾ حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳالھ نہ مڃڻ جي ڪري اثر پيو. (نزهة القاري ج 5 ص 593)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جن نالن سان پنهنجي واکاڻ نڪري اهي نہ رکيا وڃن

اهڙا نالا جن ۾ تزڪيہ نفس ۽ خودستائي (يعني پنهنجي واکاڻ) نڪري انهن کي بہ حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بدليو هيو، برّہ (نيڪ صالحہ) جو نالو زينب (هڪ خوبصورت بوٽو) رکيو ۽ فرمايو تہ پنهنجي نفس جو تزڪيو (وڏائي) نہ ڪريو.

(مسلم ص 1182 حديث 2142)

شمس الدين (دين جو سج) زين الدين (دين جي زينت) محي الدين (دين کي زنده ڪرڻ وارو) فخر الدين (دين جو فخر) نصير الدين (دين جو مددگار) سراج الدين (دين جو چراغ) نظام الدين (دين

جو نظام) قطب الدين (دين جو محور مرڪز) وغيره اهڙا نالا جن ۾ پنهنجي تعريف ۽ وڏائي هجي اهي نہ رکڻ گهرجن. باقي بزرگان دين ۽ اَئِمّہ سابقين کي انهن نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي! تہ اهو معلوم هجڻ گهرجي اهي انهن جا نالا نہ هئا پر اُهي انهن جا لقب هئا جڏهن اُهي حضرات وڏن مرتبن ۽ اعليٰ منصبن تي فائز ٿيا تہ مسلمانن انهن کي ان طرح ياد ڪيو ۽ هتي جاهل ۽ ڄٽ جيڪو اجا پيدا ٿيو ان دين جي ڪا خدمت نہ ڪئي انهن کي وڏن وڏن لفظن سان ياد ڪيو وڃڻ لڳو آهي، امام محي الدين نووي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی وڏي علمي مرتبي هئڻ باوجود جيڪڏهن انهن کي محي الدين چيو ويندو هو تہ منع ڪندا هئا ۽ چوندا هئا جيڪو مون کي محي الدين نالي سان سڏي ان کي منهنجي طرفان اجازت ناهي.

(بهار شريعت ج 3 ص 604)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امير اهلسنت جو پاڻ کي فقير اهلسنت چوڻ

باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي ماڻهو ”امير اهلسنت“ چوندا آهن پر پاڻ مدظلہ العالي عاجزي ڪندي پاڻ کي ”فقير اهلسنت“ چوندا آهن ۽ ان جي وضاحت ائين فرمائن ٿا تہ ”مان اهلسنت ۾ نيڪين جي معاملي سيني کان وڌيڪ مفلس آهيان“ جڏهن تہ حقيقت اها آهي جو سندن جي حڪمت ۽ تربيت لکين بدڪارن کي نيڪو ڪار بڻايو آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## بُرّه نالو تبديل ڪري جويريہ رکيو

حضرت سيدتنا جويريہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جو نالو پهريان بُرّه (نيڪي ڪرڻ واري) هو سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن جو نالو بدلائي ڪري جويريہ رکيو هو، پاڻ پسند نہ ڪندا هئا: خَرَجَ مِنْ عِنْدِ بُرَّة يعني فلان بره وٽان هليو ويو. (مسلم ص 1182 حديث 2140)

قاضي سليمان بن خلف الباجي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡھَادِی فرمائن ٿا: ڪنهن جي نالي جي منع هجڻ جا ٻہ سبب هوندا آهن يا ان ۾ نفس پاڪائي هوندي يا ان جي لفظ ۾ ڪا خرابي هوندي جيئن خَرَجَ مِنْ عِنْدِ بُرَّة يعني فلان بُرّه وٽان هليو ويو“ ۾ آهي.

(المنتقيٰ شرح مؤطا امام مالڪ ج 9 ص 455، ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جن نالن ۾ گهٽ تزڪيو هجي اهي رکي سگهجن ٿا

رُوح المعاني ۾ آهي: ظاهر هي آهي تہ جن نالن ۾ تزڪيو (پاڪائي) هوندو آهي اهي مڪروه ان صورت ۾ هوندا جڏهن تہ انهن ۾ تمام گهڻو تذڪيو محسوس ٿيندو هجي مثال طور جڏهن نالي جي حديث ۾ ممانعت آئي، ان ڪان پهريان بہ تزڪيہ تي ان جي دلالت واضح هجي ۽ اهو تزڪيي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هجي تنهن ڪري جن نالن ۾ زياده تعريف محسوس نہ ٿيندي هجي جيئن سَعِيد (بَرَڪت وارو، سعادتمند. اهو هڪ صحابي جو نالو بہ آهي) ۽ حَسَن (سنو، جيڪو رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ڏنتو آهي) تہ اهڙا نالا رکڻ مڪروه ناهن. (تفسير روح المعاني جزء 27، ص 91)

اهڙي قسم جا ڪيترائي نالا آهن جيڪي حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رکيا حالانڪ انهن ۾ تزڪيي جو پهلو نمايان آهي:

(1) حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا ابو اُمامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي سُتي ڏني، ان جو نالو سندن ناني حضرت اَسعد بن زُرَارَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي نالي تي اَسعد رکيو، ان جي ڪنيت بہ ناني جي ڪنيت تي رکي ۽ انهن کي برڪت جي دعا ڏنائون. حضرت ابو اُمامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ 100ھ ۾ 92 سال کان وڌيڪ عمر ماڻي فوت ٿيا. (الاستيعاب ج 1 ص 176 رقم: 33، الاصابة ج 1 ص 326 رقم: 414)

(2) حضرت سيدنا زاهد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو شمار يَمَني صحابہ ۾ ٿئي ٿو، پاڻ فارسي هئا، سندن نالو يزيد (ظالم، سخت دل) هو سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو نالو زاهد (عبادت گذار، دنيا کان بي رغبت ۽ آخرت جي طرف رغبت رکڻ وارو) رکيو.

(الاصابة ج 6 ص 529 رقم: 9336)

(3) حضرت سيِّدُنا ابو هُود سعيد بن يَرۡبُوۡع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو نالو "صَرَم" (بي برڪت) هو، سرڪارِ مدينہ، سلطان باقرينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو نالو سعيد (برڪت وارو) رکيو.

(اسد الغابة ج 2 ص 470 رقم: 2102)

(4) حضرت سيِّدُنا عُفَيۡف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو نالو عازِب (غير شادي شده) هو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو "عُفِيۡف" (عفيف (پاڪدامن) جي تصغير) رکيو. (الاصابة ج 4 ص 427 رقم: 5604)

(5) حضرت سيِّدُنا عَاقِل بن البُڪَيۡر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ قديم الاسلام مهاجر صحابي آهن، دار ارقم ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪرڻ وارا ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان شرفِ

بيعت حاصل ڪرڻ وارا آهن. سندن نالو غافل (غفلت وارو) هو، جڏهن اسلام قبول ڪيائون ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو نالو ”عاقل“ (عقلمند) رکيو. (الاصابة ج 3 ص 466 رقم: 4379)

(6) مُطيع بن اسود جو نالو عَاصِي (نافرمان) هو، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو مُطيع (فرمانبردار) رکيو. (اسد الغابة ج 4 ص 485 رقم 4424)

(7) بنوغفار جو هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ آيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ انهن عرض ڪيو: مُهان (معمولي انسان). سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بلڪ تون مُڪَرَّم (عزت وارو) آهين. (اسد الغابة ج 5 ص 271 رقم 5075)

(8) حضرت سيِّدُنا هِشام بن عامِر بن اُمَيَّه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نالو دور جاهليّت ۾ شهاب (باهه جو شعلو) هو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدلائي ”هِشام“ (سخاوت) رکيائون. (اسد الغابة ج 5 ص 419 رقم 5372)

(9) حضرت سيِّدَتُنا ميمونه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو نالو بُرّه (نيڪي) هو، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو ميمونه (مبارڪ، نيڪ بخت) رکيو. (الاستيعاب ج 4 ص 468 رقم 3533)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽن قسمن جا نالا نه رکو

شارح بخاري علّامه ابن حجر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتح الباري ۾ امام طبري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حوالي سان نقل ڪن ٿا:

اهڙو نالو نه رکڻ گهرجي (1) جنهن جي معنٰي بُري هجي يا (2) ان ۾ نفس جي پاڪائي هجي يا (3) ان ۾ سَبّ (گار، توهين،

عيب) جي معنيٰ موجود هجي (علّامہ ابن حجر فرمائن ٿا) مان چوان ٿو: ٿين ڳالهه پهرين کان زياده خاص آهي جيتوڻيڪ نالا ماڻهن جي لاءِ علامت هوندا آهن انهن جي ذريعي صفت جي حقيقت مقصود ناهي هوندي پر ڪراهت جو سبب هي آهي تہ ڪو شخص ان جو نالو ٻڌندو تہ گمان ڪندو ان شخص جي اندر اها صفت موجود آهي. اهوئي سبب آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن شخص جي نالي کي اهڙي نالي سان تبديل فرمائيندا هئا تہ جڏهن ان کي ان نالي سان سڏيو وڃي تہ ان تي صادق اچي، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترائي نالا تبديل فرمايا ۽ جيڪي تبديل ڪيا اُهي ان جي ڪري تبديل نہ ڪيا جو اهي نالا رکڻ منع آهن بلڪ ان ڪري جو انهن کي تبديل ڪرڻ بهتر آهي، نالو ان ڪري ناهي رکيو ويندو جو ان ماڻهو ۾ اها وصف بہ موجود هجي بلڪ ان کي ٻين کان الڳ سڃاڻپ ڏيڻ جي لاءِ رکيو ويندو آهي ان ڪري مسلمان بري شخص جو نالو ”حَسَن (يعني سٺو)“ ۽ گنهگار شخص جو نالو ”صالح (يعني نيڪ)“ رکڻ کي جائز قرار ڏين ٿا ۽ ان تي اها ڳالهه بہ دلالت ڪري ٿي تہ جڏهن حضرت حزن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه[1] پنهنجو نالو ”سهل“ سان نہ بدليو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي ”سهل“ نالو رکڻ لازم نہ ڪيو، جيڪڏهن اهو نالو رکڻ ان تي لازم هجي ها تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي اها ڳالهه: ”مان پنهنجي والد جو رکيل نالو نہ بدلائيندس“ هرگز قبول نہ ڪن ها.

(فتح الباري لابن حجر ج 11 ص 486 تحت الحديث 6193)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] حضرت سيِّدُنا حزن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مڪمل واقعو هن ڪتاب جي صفحي 82 تي ملاحظ ڪيو.

www.dawateislami.net

## اهو نالو رکڻ بهتر ناهي

حضرت سيِّدُنا سَمُرَہ بن جُنۡدُب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنهنجي غلام جو نالو نہ يَسار رکو، نہ رَباح، نہ نَجِيح ۽ نہ اَفۡلَح، چوتہ توهان پڇندؤ تہ ڇا اهو اتي آهي؟ نہ هوندو تہ جواب ملندو: نہ.

(مسلم ص 1181، حديث 2137)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: غلام مان مراد مطلقًا چوڪرو آهي، چاهي پٽ هجي يا غلام يا ڪو بيو ۽ جنهن جو نالو رکڻ اسان جي وس ۾ هجي نهي تنزيهہ جي آهي يعني اهو نالو بهتر ناهي. يَسَار جي معنٰي آهي: ڪشادگي، عُسر (تنگدستي) جو ضد. رَباح جي معنٰي آهي نفعو، نقصان جو ضد. نَجِيح جي معنٰي آهي: ڪامياب، فتحياب. اَفۡلَح جي معنٰي آهي: نجات وارو. اها ممانعت رڳو انهن نالن ۾ محدود ناهي بلڪ انهن جهڙن بين نالن جن جي معنٰي ۾ خوبي ۽ عمدگي هجي جيئن: ظفر، برڪت وغيره (اشعہ) اهو نالو رکڻ بهتر آهي ان جو سبب خود بيان ڪري رهيا آهن. (مرآة المناجيح ج 6 ص 407)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## منع ڪرڻ جي خواهش هئي پر منع نہ ڪيائون

حضرت سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن مان زندہ رهيس تہ پنهنجي امت کي ان ڳالهہ کان منع ڪندس تہ ڪو پنهنجو نالو بَرَڪت، نافِع (نفعي ڏيڻ وارو) يا اَفۡلَح

(زياده فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارو) رکي. (راوي جو بيان آهي: مان نتو ڄاڻان ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن نالن سان گڏ رافِع جو ذڪر فرمايو يا نه!) پڇيو ويندو ته برڪت آهي؟ ته ان جي جواب ۾ چيو ويندو نه. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري پردي فرمائڻ تائين انهن نالن جي ممانعت ناهي فرمائي.

(الادب المفرد ص 216 حديث: 833)

امام ابوجعفر طحاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حديث پاڪ جي ان حصي "جيڪڏهن مان آئنده سال تائين زنده رهيس ته ضرور انهن نالن (يعني افلح، نافع، برڪت، يسار) کي رکڻ کان منع ڪندس. جي تحت فرمائن ٿا: ان ۾ هن ڳالهه تي دلالت آهي ته انهن نالن جو رکڻ حرام ناهي ڇوته جيڪڏهن حرام هجي ها ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ضرور ان جي رکڻ کان منع فرمائن ها ۽ منع فرمائڻ کي ٻئي وقت تائين مؤخر نه فرمائين ها ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته "پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منع ڪرڻ کان خاموش رهيا ايستائين جو سندن وصال ٿي ويو" ان ۾ هن ڳالهه تي دلالت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي طرفان منع ٿيڻ انهن نالن کي شامل ناهي، جڏهن معاملو اهڙو آهي ته انهن نالن جو رکڻ مباح ٿيندو. (مشڪل الآثار ج 1 جزء 2 ص 208)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳوٺ جو نالو پسند ايندو هو ته خوش ٿيندا هئا

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ويندا هئا ته ان جو نالو پڇندا هئا، جيڪڏهن ان جو نالو پسند فرمائيندا هئا ته خوش ٿيندا هئا ۽ اها خوشي سندن چهري مبارڪ

مان محسوس ٿيندي هئي، جيڪڏهن ان جو نالو ناپسند فرمائيندا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مبارڪ مان ناپسنديدگي محسوس ٿيندي هئي. (ابوداؤد ج 4 ص 25 حديث 3920)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان لکن ٿا: اسان وٽ پنجاب ۾ ڪجھ ڳوٺن جا نالا آهن: نورپور، مدينہ، جمال پور، اهڙا نالا وڏا مبارڪ آهن، ڪن ڳوٺن جا نالا آهن، شيطانيہ، خوني چڪ وغيره اهي سٺا نالا نہ آهن. حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڳوٺن جا بُرا نالا ناپسند فرمائيندا هئا.

(مراٰة المناجيح ج 6 ص 264)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳوٺن ۽ علائقن جا نالا بہ تبديل فرمائيندا هئا

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زمينن، وادين ۽ قبيلن جا برا نالا بہ تبديل فرمائي ڇڏيندا هئا. جيئن تہ امام ابوداؤد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عَفِرَة زمين (بنجر زمين) جو نالو خَضِرَه (سرسبز زمين) رکيو، شَعْبُ الضَّلَالَة (گمراهي واري وادي) نالي واديءَ جو نالو شَعْبُ الْهُدىٰ (هدايت واري وادي) رکيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَنُو زِنْيَه (حرام جو اولاد) جو نالو تبديل ڪري بَنُوَ الرَّشْدَة (حلال زادو) رکيو ۽ بَنُو مُغْوِيَه (گمراھ ڪندڙ جاءِ) کي بَنُو رِشْدَه (هدايت واري جاءِ) جو نالو عطا فرمايو. (ابوداؤد ج 4 ص 376 حديث 4956)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نالي سان ڳڏوگڏ علائقي جو نالو بہ بدلائي ڇڏيو

حضرت وَهب بن عَمرو بن سعد بن وَهب الجُهَنِي بيان

ڪن ٿا تہ ان جي والد پنهنجي ڏاڏي ڪان روايت ڪئي دور جاهليّت ۾ ان کي غيّان چيو ويندو هو، جڏهن اهو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: غيّان (نامراد) سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جو نالو "رَشدان" (ڪامياب) رکيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو تہ تنهنجو اهل و عيال ڪٿي رهندو آهي؟ عرض ڪيائين: واديءِ غويٰ (نامراد وادي ۾). پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهي "رَشاد" (ڪامياب وادي) ۾ رهندا آهن. (پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي بري نالي سان گڏوگڏ ان جي وادي جو برو نالو بہ بدلائي ڇڏيو) اهو شهر اڄ ڏينهن تائين "رَشاد" جي نالي سان سڄاتو ويندو آهي.[1]

(الاصابة ج 2 ص 403 رقم: 2660)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چشمي جو نالو تبديل ڪري ڇڏيو

هڪ غزوي ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "بَيّسان" نالي کاري پاڻي جي چشمي وٽان گذريا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ ادا کي ادا ڪندي شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪن شهرن جا نالا (تنظيمي طور تي) تبديل ڪيا آهن مثال طور سيالڪوٽ جو نالو پنهنجي پير و مرشد سيدي قطب مدينہ مولانا ضياءُ الدّين مَدَني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي نسبت سان "ضيا ڪوٽ"، فيصل آباد جو نالو محدّث اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نسبت سان "سردارآباد"، لاڙڪاڻي جو نالو مفتيءِ دعوت اسلامي مولانا محمد فاروق عطاري مدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي نسبت سان "فاروق نگر" ۽ حيدرآباد جو نالو محبوب عطّار مبلّغ دعوتِ اسلامي و رڪنِ شوريٰ حاجي زَم زَم رضا عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي نسبت سان "زم زم نگر" رکيو.

www.dawateislami.net

جن فرمايو: هي نُعمان مني پاڻي جو چشمو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو بدلائي ڇڏيو پوءِ حضرت سيِّدُنا طَلحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اهو چشمو خريد ڪري صدقو ڪري ڇڏيو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: طلحہ تون تہ فيّاض آهين، انهي ڪري حضرت سيِّدُنا طلحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ”طلحة الفياض“ چيو ويندو هو. (الاصابة ج 3 ص 430)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## کوه جو نالو تبديل ڪري ڇڏيائون

حضرت سيِّدُنا ابو اميہ مخزومي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مدينہ منوّره زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعۡظِیۡمًا ۾ هڪ کوه هو جنهن جو نالو ”عَسِيْر (مشڪل)“ هو، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو ”يَسِيْره (آسان)“ رکيو. (النهاية ج 3 ص 213)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن روايتن جي پيشِ نظر اسان کي گهرجي تہ اسان نہ رڳو پنهنجي ٻارن جا نالا شريعت مطابق رکون بلڪ پاڻ پنهنجي نالي تي بہ غور ڪريون جيڪڏهن معنوي طور تي نالو غلط يا شريعت جي خلاف هجي تہ علماءِ اهلسنّت جي مشوري کان بعد شرعًا سنو ۽ جائز نالو رکون. ان سان گڏوگڏ پنهنجي دڪان، گهر، محلي، ڳوٺ ۽ ڪارخاني ۾ ٺهڻ وارين شين (Products) جو نالو بہ شريعت جي مطابق ڪرڻ گهرجي.

## ”قادري“ اگربتي مان ”قومي اگربتي“

دعوت اسلامي جي ٻڌڻ کان گهڻو پهريان جي ڳالهہ آهي، شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ حلال رزق جي حصول لاءِ

اگربتي تيار ڪري وڪڻڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان جو نالو ”قادري اگربتي“ رکيو. امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪجھ هن طرح فرمائن ٿا ته هڪ پيري مون قادري اگربتي پيڪٽ زمين تي پيل ڏٺو جيڪو بري طرح سان لتاڙيل هو، مان ڊڄي ويس ته متان غوث پاڪ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه جن مون کان پڇن ته ڪاروبار چمڪائڻ لاءِ توکي منهنجو ئي نالو مليو هو! منهنجو نالو تورن ٺڪن خاطر زمين تي لتاڙڻ جي لاءِ ڇڏيو هو! انهيءَ وقت مون دل ۾ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو ته مان پنهنجي اگربتيءَ جو نالو ”قومي اگربتي“ رکندس، اهڙي طرح ”قادري اگربتي“ قومي اگربتي ٿي وئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جي هر ٻولي جي حروف تهجّي (Alphabets) جو ادب ڪرڻ گهرجي. ڇوته صاحب تفسير صاوي شريف جي قول مطابق دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ سڀئي ٻوليون اِلهامي آهن. (تفسير صاوي ج 1 ص 30) جيتوڻيڪ اگربتي جو پيڪٽ زمين تي اڇلڻ ۾ امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو عمل دخل نه هو پر سندن عقيدت گوارا نه ڪيو ته منهنجي غوث پاڪ جي پياري پياري نسبت ”قادري“ ايئين پيرن ۾ لتاڙي وڃي، اهڙي طرح پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اگربتي جو نالو ئي تبديل ڪري ڇڏيو. امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ان انداز ۾ اهڙن اسلامي ڀائرن جي سکڻ جي لاءِ گهڻو ڪجھ آهي جيڪو مدينه اسٽور، قادري هوٽل، غوثيه جنرل اسٽور، عطاري سپر اسٽور وغيره جي نالن سان دڪان کوليندا آهن، ان ناليءَ جا لفافا ڇپرائيندا آهن پوءِ اهي لفافا زمين تي ڪريل نظر ايندا آهن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## لباس جو بہ نالو رکندا ھئا

حضرت سيِّدُنا ابوسعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نئون ڪپڙو چاھي عمامو يا قميص پائيندا ھئا تہ ان جو نالو رکندا ھئا. (ابوداوٗد ج 4 ص 59 حديث: 4020) حضور اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ھڪ عمامي شريف جو نالو "سَحاب (ڪڪر)" ھو. (شرح الزرقاني علي المواھب ج 5 ص 97)

## چشمي جو نالو رکيو

حضورانور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خيبر جي مقام تي واقع ھڪ چشمي جو نالو "قِسمَةُ الَمَلائِكَة (ملائڪن جو حصو/ ملائڪن جي تقسيم)" رکيو. (خلاصة الوفا باخبار دار المصطفيٰ ج 2 ص 1179)

## نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ سوارين جا نالا

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواري جي گھوڙن جا نالا "لَحِيف (ڏگھي پڇ وارو)" "ظَرِبْ (مضبوط و طاقتور)"[1]، "لِزاز (تيز رفتار)" ۽ ڪارو گھوڙو جنھن کي "سڪب (تيزرفتار)" چيو ويندو ھو ۽ زين جو نالو "داج (ڪشاده)" ھو ھڪ ڪاراڻ مائل اڇو خچر ھو جنھن کي دلدل چيو ويندو ھو ھڪ ڏاچي جنھن کي "قصوا (تيز ھلڻ واري)" جي نالي سان سڏيو ويندو ھو جڏھن تہ دراز گوش جو نالو "يعفور (تيز رفتار)" ھو. (المعجم الكبير ج 11 ص 92 حديث 11208)

## مبارڪ ٻڪرين جا نالا

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون ڏھ کير ڏيندڙ ٻڪريون ھونديون ھيون: (1) عَجْوَه (2) زَمْزَمُ (3) سُقْيا (4) بَرَكَة (5) وَرْسَة

[1] الجامع الصغير جزء ص 425 حديث: 6855

www.dawateislami.net

(6) اِطّلَال (7) اِطْرَاف (8) قُمْرَه (9) غَوثَة يا غَوثِيَّة (10) ۾ هڪ ٻڪري جو نالو يُمّن هو. (سبل الهدٰي و الرشاد ج 7 ص 412)

## حضور انور ﷺ جي مختلف شين جا نالا

حضور پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تلوار جنهن جو مُنيو ۽ مُنيي جا پاسا ٻئي چاندي جا هئا ان جو نالو ”ذُوالْفِقَار“ هو، ڪمان جو نالو ”سَدَاد“ ترڪش (تير رکڻ جو خوپو) جو نالو ”جُمَع“ زِره جيڪا ٽامي سان جڙيل هئي ان جو نالو ”ذَاتُ الْفُضُول“، ”نبعاء“ نالي نيزو، هڪ ڍال جو نالو ”ذَقَن“ ۽ هڪ اڇي رنگ جي ڍال جنهن جو نالو ”موجز“ هو، چٽائي جو نالو ”ڪَزّ“، لٺ جو نالو ”نمر“ مشڪيزي جو نالو ”صادر“ ۽ آئيني ڪي ”مدلہ“ چيو ويندو هو، قينچي جو نالو ”جامع“ ۽ تلوار جو نالو ”ممشوق“ هو.

(معجم ڪبير ج 11 ص 92 حديث: 11208، مجمع الزوائد ج 5 ص 495 حديث: 9408)

## حضور انور ﷺ جي مبارڪ ٿانوَن جا نالا

هڪ وڏو پيالو جنهن جو نالو ”سَعَة (ڪشادو)“ هو، ٻيو پيالو جيڪو تمام وڏو هو جنهن کي چار ماٺهو کڻندا هئا ان جو نالو ”غَرَّاء (چمڪدار)“ هو. (الجامع الصغير جزء 2 ص 425 حديث 6859) ٽئين پيالي جو نالو ”رَيَّان (پريل)“، چوٿين جو نالو مغيث (مددگار) ۽ پنجين جو نالو ”مُضَيَّب (چاندي سان جڙيل)“ هو جنهن تي چاندي جون تارون لڳل هيون.

(فيض القديرحرف الڪاف،باب ڪان وهي شمائل شريف ج 5 ص 226 حديث: 6857)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدشگوني جي ڪري نالو تبديل نہ ڪريو

جيڪڏهن ڪو شخص زياده بيمار رهندو هجي، تنگ دست هجي، مسلسل ناڪامين ان کي گهيري ڇڏيو هجي تہ شيطان ان کي وسوسو ڏياريندو آهي تہ اهي سموريون مصيبتون تنهنجي نالي جي ڪري آهن تنهن ڪري تون پنهنجو نالو تبديل ڪر حالانڪ ان جو نالو وڏي سٺي نسبت وارو هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن اهي ڳالهيون عمليات ڪرڻ وارا بہ ڪندا آهن، اهڙي ريت اهو شخص پنهنجو شرعًا جائز ۽ سٺي معنٰي وارو بلڪ سٺي نسبت وارو نالو بہ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ائين ڪرڻ نالي مان بدشگوني وٺڻ جي مترادف آهي ۽ بدشگوني وٺڻ شيطاني ڪم آهي جيئن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلۡعِيَافَةُ وَالطِّيَرَةُ وَالطَّرۡقُ مِنَ الۡجِبۡتِ يعني سنو يا برو شگون وٺڻ جي لاءِ پکي اڏارڻ، بدشگوني وٺڻ ۽ طَرۡق (يعني پٿري اڇلائي يا واريءَ تي ليڪو پائي فال ڪيڻ) شيطاني ڪمن منجهان آهن. (ابوداوٗد ج 4 ص 22 حديث: 3907)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تاريخي نالو رکڻ

ڪيترائي ماڻهو تاريخي حوالي سان نالي رکڻ تي گهڻو زور ڏيندا آهن يعني ٻار جنهن تاريخ ۽ سن ۾ پيدا ٿيو ان جو حساب لڳائي نالو رکيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ علم الاعداد جي لحاظ سان نالو رکڻ بزرگن کان ثابت آهي پر بزرگانِ دين پنهنجو تاريخي نالو اصل نالي کان الڳ رکندا هئا. بهرحال جيڪڏهن ڪو تاريخ جي حساب سان نالو رکڻ چاهي تہ جيئن سن ولادت بہ

محفوظ ٿي وڃي تہ رکي سگهي ٿو پر ان جي ڪا فضيلت ناهي. بهتر هي آهي تہ ڪنهن نبيعَلَيۡهِ السَّلَام، ڪنهن صحابي يا ڪنهن ولي جي بابرڪت نالي تي نالو رکو. اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جن کي ڪنهن عرض ڪيو: حضور! منهنجو پائٽيو پيدا ٿيو آهي، ان جو ڪو تاريخي نالو تجويز فرمايو. ارشاد فرمايائون: تاريخي نالي مان ڪهڙو فائدو؟ نالا اهي هجن جن جي حديثن ۾ فضيلت آئي آهي. منهنجا ۽ پائرن جا جيترا ڇوڪرا پيدا ٿيا آهن مون سڀني جا نالا ”محمد“ رکيا آهن، اها ٻي ڳالهہ آهي اهي تاريخي نالا بہ ٿي وڃن. حامد رضا خان جو نالو محمد آهي ۽ ان جي ولادت 1292ھ ۾ ٿي ۽ ان نالي مبارڪ جا عدد بہ ٻيانوي آهن. هڪ دشواري تاريخي نالي ۾ هي آهي تہ اسماءِ حُسنٰي مان هڪ يا ٻہ جن جا عدد پڙهڻ واري جي نالي جي عددن جي موافق هجن نالي جا عدد ٻيڻا ڪري پڙهيا ويندا آهن، اهي قاري کي اسم اعظم جو فائدو ڏيندا آهن، تاريخي نالي مان مقدار تمام گهٽي ٿي ويندي مثال طور ڪنهن جي ولادت هن 1329ھ ۾ ٿي تہ ان جي مطابق عدد جا اسماءِ حسنٰي 2658 ڀيرا پڙهيا ويندا ۽ محمد نالو هوندو تہ هڪ سو چوراسي (184) ڀيرا، ٻنهي ۾ ڪيتري قدر فرق ٿيو! (ملفوظات اعلٰي حضرت ص 73)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن مان نالو ڪيڻ

ڪي ماڻهو قرآن مجيد مان ٻارن جا نالا ڪڍندا آهن، جيڪڏهن اهو نالو قرآن مجيد ۾ ڪنهن نبي يا نيڪ ۽ صالح ماڻهو جو آهي تہ پوءِ ڪو حرج ناهي پر ڪڏهن ڪڏهن اهي قرآن

پاڪ مان ڪو اهڙو لفظ نالي جي لاءِ منتخب ڪندا آهن جنهن جي معنوي خرابي جي ڪري نالي طور استعمال نٿو ڪري سگهجي. مثال طور پاڪستان جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ عورت جيڪا ٿورو قرآن ڪريم پڙهڻ ڄاڻي ٿي ان کي ٿي هڪ ٻئي پنيان ڏيئرون پيدا ٿيون، ان پاڻ کي لکيو پڙهيو سمجهندي ڇوڪرين جا نالا تجويز ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم مان سوره ڪوثر جو انتخاب ڪيو. اهڙي ريت ان پنهنجي وڏي ڌيءَ جو نالو ڪوثر رکيو، ٻي جو نالو وانحر تجويز ڪيو ۽ ٽين جو نالو ابتر مقرر ڪيو. ڪوثر جي معنيٰ تہ نالي جي لحاظ کان گهٽي حد تائين درست بہ آهي پر وانحر جي معنيٰ آهي ”۽ توهان قرباني ڪريو“ جڏهن تہ آخري لفظ اَبۡتَرَ جي معنيٰ آهي: ”خير (ڀلائي) کان محروم رهڻ وارو“ جيڪو ڪنهن بہ لحاظ کان نالي رکڻ جي لاءِ مناسب ناهي پر جهالت جو ڪهڙو علاج؟ اهڙي طرح هڪ ڇوڪريءَ جو نالو رکيو ويو مُذَبۡذَبِيۡن. پڇيو ويو: اهو ڪهڙو نالو آهي؟ جواب مليو تہ قرآن شريف ۾ آهي حالانڪ مُذَبۡذَبِيۡن جو لفظ انهن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيو جيڪي ڪفر ۽ ايمان جي وچ ۾ لڏي رهيا آهن نہ خالص مؤمن ۽ نہ خالص ڪافر آهن. (خزائن العرفان ص 196) دارالافتاء اهلسنّت دعوتِ اسلامي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مون کي ڪنهن فون تي ٻڌايو تہ ان پنهنجي ڌيءَ جو نالو قرآن مان ڪڍي رکيو آهي جڏهن نالو پڇيو ويو تہ چيائين: ”زانيہ“ (نعوذ بالله من ذٰلک) اهڙي ريت هڪ شخص پنهنجي پٽ جو نالو ”خَنّاس“ رکيو. (والعياذ بالله)

بهرحال اهڙن ماڻهن کي اصلاح جي طور ڪجهہ چيو وڃي

تہ سمجھندا آھن جو قرآن ڪريم مان رڪيل نالن تي اعتراض ڪيو پيو وڃي حالانڪ قرآن ڪريم مان نالو تجويز ڪرڻ جا بہ ڪي اصول آھن نہ تہ قرآن ۾ حِمار (گڏھ)، ڪَلْب (ڪتو)، خِنزِير (سوئر)، بقره (ڳئون)، فرعون (خدائي جي دعوٰي ڪرڻ وارو مشھور بادشاھ)، ھامان (مشھور ڪافر) وغيره جا لفظ بہ آيا آھن تہ ڇا انھن جي معنٰي ۽ نسبت ڄاڻڻ کان پوءِ بہ ڪو انھن لفظن کي پنھنجي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي نالي رکڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو؟ يقينًا نہ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ماڻھو جي نالي تي نالي رکڻ جي برڪت

حضرت سيِّدُنا علي المرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آھي: مَامِنْ قَوْمٍ يَكُوْنُ فِيْهِمْ رَجُلٌ صَالِحٌ فَيَمُوْتُ فَيَخْلُفُ فِيْهِمْ بِمَوْلُوْدٍ فَيُسَمُّوْنَهٗ بِاِسْمِهٖ اِلَّا خَلَفَهُمُ اللّٰهُ بِالْحُسْنٰى يعني جنھن قوم ۾ ڪو نيڪ شخص انتقال ڪري وڃي ان جي انتقال کان پوءِ ان قوم ۾ ڪو ٻار پيدا ٿئي ۽ ان بزرگ شخصيّت جي نالي تي ان ٻار جو نالو رکن تہ الله عَزَّوَجَلّ ان سٺي نالي رکڻ جي سبب انھن ماڻھن جي لاءِ ان ٻار ۾ بہ اھي ئي نيڪ صفتون پيدا فرمائيندو. (ابن عساکر ج 43 ص 44)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ماڻھن جي نالي تي نالو رکو

اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيِّدُتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا کان روايت آھي رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: نيڪ ماڻھن جي نالن تي نالا رکو ۽ پنھنجيون حاجتون سٺن چھرن وارن (يعني نيڪ ماڻھن) کان طلب ڪريو. (المسند الفردوس ج 2 ص 58 حديث 2329)

# نبين جي نالن تي نالا رکو

انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اسماءِ مبارڪہ، صحابہ ڪرام، تابعين عظام ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي نالن تي نالا رکڻ گهرجن جنهن جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو تہ ٻار جو پنهنجي اَسلاف ڪرام سان روحاني تعلق قائم ٿي ويندو ۽ ٻيو انهن نيڪ هستين سان موسوم (نالي ڪيل) ٿيڻ جي برڪت سان ٻار جي زندگي تي مدني اثر مرتب ٿيندا. سيني نبين جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”انبياءِ (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي نالن تي نالا رکو ۽ الله عَزَّوَجَلّ جي نزديڪ نالن ۾ وڌيڪ پيارا نالا عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن ۽ سچا نالا حارث ۽ هَمَام آهن ۽ ”حَرَب“ ۽ ”مُرَّه“ برا نالا آهن.“ (ابوداوٗد ج 4 ص 374 حديث: 4950)

حضرت علّامہ عبدالرؤف مَناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي تحت لکن ٿا: انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نالن تي نالو رکڻ جي ترغيب ان ڪري ڏياري وئي ڇوتہ اهي حضرات سيني انسانن جا سردار آهن، انهن جا اخلاق سڀ کان بهتر، انهن جا عمل سيني عملن کان سٺا ۽ انهن جا نالا سيني نالن کان افضل آهن تنهن ڪري انهن جي نالن تي نالو رکڻ شرف ۽ سعادت جو سبب آهي (فيض القدير ج 3 ص 324)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: حارِث جي معنٰي آهي ڪمايو. حَرَث چوندا آهن ڪمائي کي. ”هَمَام“ جي معنٰي آهي قصد ۽ ارادو ڪرڻ وارو، هَمّ چوندا آهن ارادي کي. ڪو شخص ڪمائي يا ارادي کان خالي ناهي هوندو، تنهن ڪري اهي نالا گهڻا سچا آهن،

نالا ڪم جي مطابق آهن. (مفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا:) حَرب جي معنيٰ آهي جنگ ۽ خونريزي، مُرَّہ جي معنيٰ آهي جهڳڙو ڪندڙ يا ڪڙي طبيعت وارو. مُرَّہ شيطان جو نالو بہ آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 425)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ٻانهن جي نالن تي نالو رکڻ مستحب آهي

اڄڪلهہ هي رواج بہ گهٽ وڌي چڪو آهي تہ پنهنجي ٻارن جا نالا رکڻ جي لاءِ ناولن، ٽي وي ڊرامن ۽ فلمن جي اداڪارن جي نالن مان منتخب ڪيا ويندا آهن، حالانڪ مستحب هي آهي تہ الله وارن جي نالن تي نالا رکيا وڃن. اهڙي ريت اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيْه لکن ٿا: حديث مان ثابت ٿيو تہ محبوبانِ خدا انبياء ۽ اولياءعليهم الصلوٰة والثناء جي اسماءِ طيبہ تي نالو رکڻ مستحب آهي جڏهن تہ انهن جي مخصوصات مان نہ هجي.[1] (فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 685) بهارِ شريعت ۾ آهي: انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي اسماءِ طيبہ ۽ صحابہ، تابعين ۽ بزرگانِ دين جي نالي تي نالو رکڻ بهتر آهي اميد آهي تہ انهن جي بَرَڪت ٻارجي شامل حال ٿي وڃي.

(بهارِ شريعت ج 3 ص 356)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڏهٽن جو نالو حسن ۽ حسين رکيائون

حديث ۾ آهي تہ سيدنا امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جن جي ولادت باسعادت تي حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون: مون کي منهنجو شهزادو ڏيکاريو! توهان ان جو ڪهڙو

---

[1] مثال طور مُحَرِّم: حرام ڪرڻ وارو

www.dawateislami.net

نالو رکيو آهي؟ مولٰي علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم عرض ڪيو: حَرَب. فرمايائون: نہ بلڪ اهو حَسَن آهي. پوءِ سيدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جي ولادت باسعادت وقت تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: مون کي منهنجو شهزادو ڏيکاريو! توهان ان جو ڪهڙو نالو رکيو آهي؟ مولٰي علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم عرض ڪيو: حَرَب. فرمايائون نہ بلڪ اهو حسين آهي. پوءِ امام مُحَسِن جي ولادت تي اهوئي فرمايائون مولٰي علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم اهوئي عرض ڪيو. فرمايائون نہ بلڪ اهو مُحَسِن آهي. پوءِ فرمايائون: مون پنهنجي شهزادن جا نالا داوٗد عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پٽن تي رکيا آهن.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 1 ص 211، 212 حديث 2769، و اسد الغابة ج 5 ص 77 رقم 4688)

شَبَر شُبَيَّر مُشَبِر حَسَن حُسَيَن مُحَسِن انهن سان هم وزن ۽ هم معنٰي آهن، ان سان مولٰي علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي تنبيهہ ٿي تہ اولاد جا نالا نيڪن جي نالن تي رکڻ گهرجي، تنهن ڪري انهن ڪان پوءِ پنهنجي صاحبزادن جا نالا ابوبڪر، عمر، عثمان، عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُم وغيره رکيائون. (فتاوٰي رضويہ ج 29 ص 80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي شهزادي جو نالو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نالي تي رکيائون

حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ بيان فرمائن ٿا تہ شهنشاهہ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: رات منهنجي گهر پٽ پيدا ٿيو آهي، مون پنهنجي پيءُ (يعني خليل الله حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي نالي تي ان جو نالو ابراهيم (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ) رکيو آهي. (مسلم ص 1266 حديث: 2315)

www.dawateislami.net

جڏهن تہ حضرت سيِّدُنا ابوموسيٰ اَشْعَري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ منهنجي گهر پٽ جي ولادت ٿي، مان ان کي نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ کڻي آيس، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو ابراهيم رکيو، ان کي ڪجور چباڙي سُتي وڌي، ان لاءِ برڪت جي دعا ڪئي پوءِ منهنجي حوالي ڪيائون. حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرت سيِّدُنا ابوموسيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا سڀ کان وڏا پٽ هئا. (بخاري ج 3 ص 546 حديث: 5467)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب جو خلاصو

❁ پٽ جو سنو نالو رکڻ گهرجي ❁ حشر جي ميدان ۾ دنيا ۾ رکيل نالي سان سڏيو ويندو ❁ ستين ڏينهن نالو رکڻ بهتر آهي،اڳ ۾ بہ رکي سگهجي ٿو ❁ نالو رکڻ والد جي ذميداري آهي ❁ پار جي نالي منتخب ڪرڻ وقت شرعي احڪامن کي پيش نظر رکڻ گهرجي ❁ نالي رکڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن ❁ ڪي نالا اهڙا آهن جن جو رکڻ افضل، ڪن جو رکڻ جائز، ڪي نالا نامناسب ۽ ڪجھ ناجائز آهن ❁ جيڪڏهن ڪنهن مدني مُنّي جو نالو ”عبد“ سان شروع ڪرڻو هجي تہ سڀ کان افضل نالا عبداللّٰه ۽ عبدالرحمٰن آهن ❁ محمد نالو ڏاڍو پيارو آهي هن نالي رکڻ جا وڏا فائدا آهن ❁ محمد بخش، احمد بخش، غلامِ نبي وغيره نالو رکڻ جائز آهي ❁ محمد نبي، احمد نبي، نبيُّ الزّمان، محمد رسول، احمد رسول، محمد رسول نالو رکڻ جائز ناهي ❁ مُعيذ الدِّين جي معنيٰ آهي ”دين کي پناهہ ڏيڻ

وارو“ ۾ پنهنجو نالو اهڙو رکڻ سخت عظيم تزڪيہ نفس ۾ پنهنجي پاڻ واکاڻ آهي ۾ اهو حرام آهي (فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 671) ❁ طٰهٰ، يٰس نالا بہ نہ رکيا وڃن ❁ غَفُورُ الدِّين (نالو) بہ سخت قبيح و شنيع آهي ❁ نالن جو هڪ قسم ڪافرن سان خاص آهي جيئن جِرجِس، پُطَرُس ۾ يُوحَنَّا وغيره اهڙي قسم جا نالا مسلمانن جي لاءِ رکڻ جائز ناهن ❁ برن نالن کي بدلائڻ گهرجي ❁ پنهنجي گهر محلي دڪان ۾ فيڪٽري وغيره جا نالا بہ سنا رکڻ گهرجن اهڙا نالا نہ رکڻ گهرجن جن ۾ خودستائي تمام گهٽي ظاهر ٿيندي هجي ❁ نيڪن جي نالن تي نالو رکڻ برڪت جو باعث آهي ❁ حتي المقدور بزرگانِ دين کان نالا رکرائڻ گهرجن ❁ ماڻهن جا برا نالا رکڻ جائز ناهن ❁ ڪنيت رکڻ سنّت آهي.

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارن ۾ ٻارڙين جي لاءِ 538 پيارا پيارا نالا

## ٻارن جي لاءِ 391 پيارا پيارا نالا

## ”عبد“ جي اضافت سان گڏ 59 رحمت ڀريا نالا

| | |
|---|---|
| عَبْدُ الله | (الله جو ٻانهو) |
| عَبْدُ الرَّحْمٰن | (وڏي ”مهربان“ جو ٻانهو) |
| عَبْدُ الْاَحَد | (”واحد ۾ اڪيلي“ جو ٻانهو) |
| عَبْدُ الْبَارِي | بنائڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُ الْبَاسِط | ڪشادگي ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُ الْبَاقِي | (هميشہ رهڻ واري جو ٻانهو) |

| | |
|---|---|
| عَبْدُالْبَصِير | (ڏسڻ واري جو ٻانهو) |
| عَبْدُالتَّوَّاب | (توبھ قبول ڪرڻ واري جو ٻانهو) |
| عَبْدُالْجَبَّار | عظمت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْجَلِيل | بزرگي واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَسِيب | ڪفايت ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَفِيظ | حفاظت ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَقّ | خدائي جي لائق جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَكَم | فيصلو ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَكِيم | حڪمت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَلِيم | حلم (بردباري) واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَمِيد | خوبين واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْحَيّ | هميشہ زنده رهڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْخَالِق | پيدا ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالرَّافِع | بلند ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُ الرَّحِيم | ”رحمت واري“ جو ٻانهو |
| عَبْدُالرَّزَّاق | رزق ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالرَّشِيد | سڌي تدبير واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالرَّءُوْف | نهايت مهربان جو ٻانهو |
| عَبْدُالسَّلَام | سلامتي ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالسَّمِيع | ٻڌڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالشَّكُوْر | قدر ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالصَّبُوْر | بردبار (يعني ڪامل قدرت جي باوجود گناهن تي جلدي سزا نہ ڏيڻ) واري جو ٻانهو |

| | |
|---|---|
| عَبْدُالصَّمَد | بي نياز جو ٻانهو |
| عَبْدُالْعَزِيز | عزّت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْعَظِيم | عظمت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْعَلِيم | علم واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْغَفَّار | گهڻو بخشڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْغَفُوْر | بخشڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْغَنِي | هر شيءِ کان بي پرواهه جو ٻانهو |
| عَبْدُالْفَتَّاح | بهترين فيصلو ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْقَادِر | قدرت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْقُدُّوس | هر عيب کان پاڪ جو ٻانهو |
| عَبْدُالْقَوِي | قوت ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْڪَبِير | سڀ کان وڏي جو ٻانهو |
| عَبْدُالْڪَرِيم | گهڻو ڪرم فرمائڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُاللَّطِيف | لطف و ڪرم ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمَاجِد | بزرگيءَ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمَتِين | قوّت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمُجِيب | دعائون قبول ڪرڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمَجِيد | عزت واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمَلِڪ | بادشاهه جو ٻانهو |
| عَبْدُالْمُؤْمِن | امن ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالنَّافِع | نفع ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالنُّوْر | نور واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَاجِد | قدرت واري جو ٻانهو |

| | |
|---|---|
| عَبْدُالْوَاحِد | ذات و صفات ۾ اڪيلي واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَارِث | وارث (هميشه باقي رهڻ واري) جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَاسِع | وسعت ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَدُوْد | گهڻو دوست رکڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَڪيل | ڪارساز (ڪم بنائڻ واري) جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَلِي | حمايتي جو ٻانهو |
| عَبْدُالْوَهَّاب | گهڻو ڏيڻ واري جو ٻانهو |
| عَبْدُالْهَادِي | هدايت ڏيڻ واري جو ٻانهو |

## سرڪار مدينه ﷺ جن جو نالو مبارڪ

**عرض:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو مبارڪ ڇا آهي؟

**ارشاد:** حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ذاتي ٻه نالا آهن: اڳوڻن ڪتابن ۾ احمد آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ محمد آهي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جا صفاتي نالا بيشمار آهن. علامه احمد خطيب قسطلاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغني پنج سؤ جمع ڪيا آهن. (المواهب اللدينه ج 1 ص 366) سيرتِ شامي ۾ ٽي سؤ ٻيا اضافو ڪيا ۽ مون ڇهه سؤ وڌيڪ ملايا، ڪل چوڏهن سؤ ٿيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ نالا هر طبقي ۾ مختلف آهن ۽ هر هر جنس ۾ الڳ الڳ آهن، دريا ۾ ٻيا نالا آهن جبلن ۾ ٻيا.

**عرض:** هي ڪثرتِ اسماء ڪثرتِ صفات تي دلالت ڪن ٿا؟

**ارشاد:** جي ها. (ملفوظات اعلٰي حضرت ص 92)

## سرڪار مدينه ﷺ جن جا 119 مبارڪ نالا

| | |
|---|---|
| اَحْسَن | اها ذات جنهن ۾ سڀني صفتون جمع هجن |

| | |
|---|---|
| اَحْشَم | زياده وقار ۽ اطمينان وارو |
| اَزْهَر | سفيد رنگت وارو |
| اَعْظَم | برتر |
| اَکرَم | وڏو مهربان، وڏو سخي |
| اَمَان | پناهہ، حفاظت |
| اَمْجَد | بزرگي ۽ شرف وارو |
| اَمِين | امانتدار |
| بَدْر | مڪمل چنڊ |
| بُرْهَان | حجت، دليل، جنهن ۾ شڪ نہ هجي |
| بَشِير | خوشخبري ڏيڻ وارو |
| جَوَّاد | سخي[1] |
| حَاتِم | فيصلو ڪرڻ وارو |
| حَامِد | حمد ڪرڻ وارو |
| حَبِيب | پيارو |
| حَسِيب | ڪافي ، عزت ۽ شرف واري هستي |
| حَكِيم | صاحب حڪمت |
| حَلِيم | بردبار، برداشت وارو |

[1] اهو جيڪو پاڻ ڪائي بين ڪي بہ ڪارائي، ”جوّاد“ اهو جيڪو پاڻ نہ ڪائي بين ڪي ڪارائي. انهيءَ لاءِ رب عَزَّوَجَلَّ ڪي سخي نہ چوندا آهن. ”جوّاد“ چوندا آهن.

(مرآة المناجيح، 199/2)

www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| حَمَّاد | ڪثرت سان الله جي حمد ڪرڻ وارو |
| حَنِيف | اسلام تي ثابت قدم |
| دَامِغ | باطل کي متائڻ وارو |
| رَاغِب | مائل، خواهشمند |
| رَحِيم | رحم وارو |
| رَشِيد | سڌو، استقامت وارو |
| رَفِيق | تمام گهڻي مهرباني فرمائڻ وارو |
| رَءُوف | نرم دل |
